# سنڌي آئيوينا:
# بنياد ڪان نئين دور جي تقاضائن تائين
# سيمينار




سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار پاران، سنڌي ٻوليءَ جي آئيوينا نھڻ جي ڏهاڙي جي مناسبت سان، 13 جولاءِ 2025ع تي هڪ سيمينار منعقد ڪيو ويو. ان موقعي تي اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي خطاب ڪندي چيو ته ٻولي نج سائنسي ۽ علمي معاملو آهي، ۽ علمي معاملن کي سائنسي بنياد تي حل ٿيڻ گهرجي. رسم الخط جا معاملا به عالماڻي بحث ڪانپوءِ جديد دور جي گهرجن مطابق حل ٿيڻ جوڳا آهن. هن چيو ته انگريزن سنڌي ٻولي لاءِ وڏو ڪم ڪيو. انهن کي سنڌي ٻوليءَ سان محبت به هئي. انگريزن ڪمشنر حڪم نامو جاري ڪيو هو ته جيڪي ڪامورا 18 مهينن ۾ سنڌي نٿا سکي ۽ ڳالهائي سگهن ته اهي عهدن تي نه ٿا رهي سگهن. پوءِ انگريز عملدارن سنڌي ٻولي سکي ورتي، پر هاڻي جڏهن سنڌي ٻوليءَ مهم دوران اسان سيڪريٽرين، ڪمشنرن، ڊپٽي ڪمشنرن ۽ مڪاني ادارن کي اٿارٽيءَ طرفان خط لکي، دفتري سطح تي سنڌي ٻوليءَ جي واهپي لاءِ گذارش ڪئي سين ته ڪنهن به خط جو جواب ڏئي ايتري خاطري به نه ڏني ته اهي ڪوشش ڪندا. هن وڌيڪ چيو ته انهن هاڻوڪن عملدارن جي ڀيٽ ۾ انگريز عملدار سنڌي ٻوليءَ جا محسن هئا، جن سنڌي ٻوليءَ جي اهميت سمجهي ان کي ماڻُ ۽ پيار ڏنو.

ناميارې محقق ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ چيو ته هي ڏهاڙو ٻوليءَ جي حوالي سان ماناڻتو آهي. انگريزن 1853ع يا ان کان اڳ ۾ جڏهن طئي ڪيو ته سنڌ ۾ سنڌي ٻولي لاڳو ڪئي ويندي ته انهن عربي رسم الخط کان شروعات ڪئي. اسانجا عالم به پنهنجن مدرسن ۾ اها سنڌي پڙهائيندا رهيا. جيڪا انگريز دور ۾ سرڪاري ٻوليءَ طور لاڳو ٿي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي تحقيقي خزاني مان خبر پئي ته موجوده عربي سنڌي رسم الخط گهڻي آڳاٽي آهي. هن چيو ته ايئن ناهي ته الفابيٽ انگريزن اچي ڏني، سنڌي الفابيٽ سوين سال اڳ موجود هئي پر مختلف رسم الخط ۾ لکي ويندي هئي ۽ انگريزن ان لاءِ عربي رسم الخط جي چونڊ ڪئي.

لسانيات جي ماهر ڊاڪٽر الطاف جوکيي چيو ته لکت صورتخطيءَ کي به چئبو آهي ۽ رسم الخط کي به چئبو آهي. الفابيٽ جي معنيٰ رڳو اکرن ۽ نشانين کي ترتيب ڏيڻ آهي. ترتيب عربي اکرن جي بنياد تي ناهي وئي، جيڪا نهايت ذڪي هئي، انگريز آيا ته انهن به عربيءَ واري ئي ترتيب ڏني، اکرن جي شڪل واري ترتيب وڌيڪ سولي آهي.

ناليواري محقق مختيار ملاح چيو ته 13 جولاءِ 1853ع تي هڪ ڪاميٽي جوڙي وئي هئي، جنهن کي اختيار ڏنو ويو هو ته اها سنڌي رسم الخط ٺاهي. اڄ ان ڪاميٽيءَ جو ڏهاڙو آهي، موجوده سنڌي رسم الخط ڪافي ناهي، پر بهتر ضرور آهي. شاهه لطيف جا قلمي نسخا موجوده رسم الخط ۾ لکيا ويا آهن. دنيا جو ڪوبه آواز اسان جي رسم الخط ۾ لکي سگهجي ٿو اصل رسم الخط 1852ع ۾ ٺهي. هن چيو ته سومرن، سمن ۽ ڪلهوڙن، ٽالپرن سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ٻولي جو درجو نه ڏنو پر انگريزن سنڌي کي سرڪاري ٻوليءَ جو درجو ڏياريو ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ عربي رسم الخط جي حمايت ڪئي، پر اها صلاح به ڏني ته هڪ ڪاميٽي ٺاهي سنڌي ٻوليءَ جا ماهر سنڌي رسم الخط بابت فيصلو ڪن. پر ان وقت جي ٻولي انسپيڪٽر چيو ته هاڻ ڪاميٽيءَ ٺاهڻ بدران ويهي عربي رسم الخط جي الفابيٽ تي ڪم ڪرڻ گهرجي. سنڌي ٻوليءَ ۾ مونجهارا وڌڻ جو هڪ سبب اهو به آهي ته هاڻوڪو استاد ان ريت نه ٿو پڙهائي جيئن استاد ماضيءَ ۾ پڙهائيندا هئا.

ڊاڪٽر آفتاب ابڙي پنهنجو مقالو پيش ڪندي چيو ته ”سنڌي رسم الخط شروع ڪان







وٺي مختلف مرحلن مان گذري موجوده رسم الخط تائين پهتي، موجوده رسم الخط سياسي مصلحت تي ٻڌل هئي، جنهن ۾ اڄ به ڪيترائي مونجهارا آهن. هن چيو ته ڪئپٽن اسٽيڪ سنڌي ٻوليءَ جو وڏو خير خواهه ۽ گهڻ گهرو هو، جنهن 1845 ۾ پهرين انگريزي سنڌي ڊڪشنري ٺاهي ورتي، هو سنڌ جو جانثار هو، جڏهن حيدرآباد ۾ مقرري دوران بيمار ٿي پيو ته کيس ٻيهر واپس برطانيا هليو ويو، پر هن چيو ته رهيل ڪم مڪمل ڪري وٺان ۽ ان حالت ۾ به هن ٻي ڊڪشنري ٺاهي ورتي. هن چيو ته اردو جي رسم الخط کي مولوي عبدالحق سڌاريو ايئن سنڌي رسم الخط کي به سڌارڻ جي ضرورت آهي.

امر فياض ٻرڙي ڳالهائيندي چيو ته گوگل به رومن ۾ لکڻ شروع ڪيو آهي، بلوچي ٻولي گوگل تي هاڻ آئي آهي، پر هن جي رومن لپي ڪمال جي آهي، سنڌي رومن معياري ناهي ان ڪري تجويز آهي ته سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو عالمن سان گڏجي معياري رومن ترتيب ڏئي ته ان کي گوگل کي موڪلي سگهجي ٿو.

نوجوان ليکڪ زبير سومري چيو ته سنڌي ٻوليءَ جي سڀني لهجن جي پنهنجي مٺاڻ ۽ خوشبو آهي، ٻوليءَ جي واڌ ويجهه ۾ لهجن جو وڏو ڪردار هوندو آهي، ٻوليءَ جو ڏهاڙو ملهائڻ کي 180 سال ٿي ويا آهن، پر سنڌيءَ سميت دنيا جي سمورين ٻولين ۾ تبديليون آيون آهن، مصنوعي ذهانت کان پوءِ ٻولين ۾ به تيزيءَ سان تبديلي اچي رهي آهي، سنڌي به ان وهڪري ۾ هلي رهي آهي، هن دور جا ٻولي ماهر چاهين ٿا ته جيڪا ٻولي عام فهم ۽ سولي هوندي، اها ئي جديد آهي، سنڌي الف بي ۾ جيڪا تبديلي اچڻ گهرجي اها نه اچي سگهي آهي، 52 اکرن جي پٽيءَ کي نظر انداز ڪيو ويو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر راز شاهاڻي آيل مهمانن جي آجيان ڪندي چيو ته اڄوڪو سيمينار سنڌي ٻوليءَ جي معياري الفابيٽ جوڙڻ جي ڏينهن جي حوالي آهي. اڄوڪي سيمينار ۾ عالمن ۽ محققن ان جي اهميت ۽ تاريخ تي روشني وڌي آهي. پروگرام جي شروعات ۾ نوجوان راڳي سعيد سميجي، شاهه جي وائي ٻڌائي سيمينار جي شروعات ڪئي، جڏهن ته ڪمپيئرنگ ثاقب ابڙي ڪئي.









## سالياني ايوارڊ تقريب

# سنڌي الف ب عجائب گهر ۾ کُليل اسٽيج جو افتتاح







سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 3 آگسٽ 2025ع تي سالياني ايوارڊ تقريب دوران سنڌي الف ب عجائب گهر ۾ کُليل اسٽيج جي افتتاحي تقريب ٿي گذري، جنهن ۾ تعليم ۽ معدنيات کاتي جي صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه خاص مهمان طور شرڪت ڪئي، ان موقعي تي خطاب ڪندي سيد سردار شاهه چيو تہ ”وزارتون، منصب يا عهدا ماڻهو لاءِ ذميواريون آهن، جن لاءِ پنهنجي وس ۽ سمجهه آهر، فرض ادا ڪرڻ گهرجي. هن چيو تہ 12 هزار کان وڌيڪ رجسٽرڊ خانگي اسڪولن ۾ سنڌي پڙهائڻ لاءِ هزارين قابل استاد گهرجن، جتي 40 کان 45 لک ٻار پڙهن ٿا، پر ايترا استاد تيار ئي ڪونہ ٿا ٿين، ان لاءِ اسان سڀني کي پنهنجي ذميواري ڏسڻ گهرجي. جڏهن اوهان اسڪولن جي انتظاميا کان پڇاڙو ڪندا تہ اهو عملي پيار جو اظهار هوندو. هن وڌيڪ چيو تہ ادارا روزگار جو ذريعو ناهن هوندا. دنيا ۾ آئوٽ سورس تي ڪم ٿي رهيو آهي، اسان وٽ ادارن ۾ اضافي ڀرتيون ڪري ادارن کي روزگار جو ذريعو بڻايو ويو آهي، ان سان ادارن جي تباهي ٿيندي. سردار شاهه چيو تہ استادن جي تربيت جي سلسلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري کي جن وسيلن جي گهرج آهي، اهي لکت ۾ ڏنيون وڃن تہ اهي پوريون ڪري سگهجن ٿيون. هن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو تہ موهن جي دڙي جي ٻوليءَ جي ڀاڃ ۾ مسئلا آهن، چاڪاڻ تہ اسان کي ان مان ڪا وڏي عبارت ناهي ملي سگهي. ٻيو سرحدي ڇڪتاڻ سبب هندستان خاص طور تامل محقق هتي نٿا اچي سگهن، جنهن ڪري انڊس اسڪرپٽ جي ڀاڃ ۾ مشڪلاتون آهن. سنڌو تهذيب جا جتي بہ آثار آهن، اتي وڌيڪ کوٽائي جي ضرورت آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو تہ ”ٻوليءَ جي حوالي سان هزارين ڪم هوندا آهن، انهن کي بنيادي ڪم سان جوڙڻ بيحد مشڪل هوندو آهي، پر مون پنهنجي ٽن سالن جي عرصي دوران ڪوشش ڪري اداري ۽ ٻوليءَ جي مقصد کي سماج ۽ ماڻهن سان جڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڇو تہ ٻوليءَ جو ڪم صرف علمي ڪتاب ۽ مقالا ڇپڻ ناهي، ان لاءِ سماج سان ڳنڍڻ بہ ضروري آهي. هن چيو تہ اسان ڀهريون ڀيرو تعليم ۽ تدريس جي حوالي سان استادن جي سنڌي سکيا جا مرڪز قائم ڪيا. اهي سکيا مرڪز ضلعي سطح تي ڪٽي ويندا سين، جنهن لاءِ تعليم کاتي جو سهڪار گهربل هوندو.ان سکيا مرڪزن کي باقده هلائڻ لاءِ اينڊومينٽ فنڊ قائم ڪيو آهي. هن وڌيڪ چيو تہ سماج ۾ تحقيق ۽ ٻوليءَ جي معيار کي بهتر بڻائيندڙن جي همت افزائي ڪري رهيا آهيون، ان لاءِ ٽيڪنالاجيءَ ۾ ٻولي جي داخلا تي ايوارڊ ڏئي رهيا آهيون، اهو پاڪستان ۾ صرف سنڌي

ٻوليءَ ۾ ملي ٿو ۽ ان سان گڏ نوجوان محققن ۽ لکندڙن جي همت افزائي پڻ ڪري رهيا آهيون. اسان ٻارن لاءِ شاهه لطيف جي ميلن جو سلسلو شروع ڪيو، جن ذريعي ٻارن کي لطيف سان ڳنڍيو . سنڌي ٻوليءَ سان محبت جي تحريڪ طور هڪ جاڳرتا مهم پڻ هلائي.

نامياري محقق ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ، ڊاڪٽر منصور احمد ٿلهي جي ڪتاب ”سنڌي رسم الخط جو تحقيقي جائزو“ تي ڳالهائيندي چيو ته سنڌي ٻولي جي قديم لکت کي پڙهڻ ۾ مدد ملندي. هن ڪتاب ۾ جيڪا تحقيق آهي، اها موهن جي دڙي جي ٻولي سمجهڻ ۾ نوان گس ڏيندي. سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر خليل کنياتيءَ ان موقعي تي چيو ته نوجوانن جا يو ٽيوب چئنل ڏسي وڏي ڄاڻ ۽ رهنمائي حاصل ٿئي ٿي. ادارن کي سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو . عبدالماجد ڀرڳڙي انسٽيٽيوٽ آف ڪمپيوٽر انجنيئرنگ جي ڊائريڪٽر امر فياض ٻرڙي خطاب ڪندي چيو ته سنڌي ٻوليءَ کي دفتر مان ڪڍي عام هنڌ تي آندو ويو آهي، هاڻ دور مشين جو دور يا گوگل ڳولا جو دور گذري ويو، هاڻ انسان مصنوعي ذهانت کان سوال پڇي ٿو، سنڌي ٻولي کي مصنوعي ذهانت جي هر پروگرام شامل آهي. ان ۾ اداري سازيءَ جو به ڪردار آهي. سنڌي ٻولي دنيا جي ٻين ٻولين کان مختلف آهي، ڪنهن ٻولي ۾ ايترا آواز نه آهن، جيترا سنڌي ٻوليءَ ۾ آهن.

نامياري ليکڪ ڊاڪٽر تهمينه مفتيءَ چيو ته سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري جي اداري جي متحرڪ ٿيڻ جا انداز مختلف رهيا آهن، اهي نظرانداز نٿا ڪري سگهجن. گذريل ٽن سالن ۾ ادارو عام سطح تائين ٻوليءَ جو پيغام کڻي پهتو. مائرن ۽ ٻارن جا پروگرام ڪرائي، انهن کي ٻولي ءَجي اهميت بابت شعور ڏنو ويو.

ناميارِي ليکڪ منوج ڪمار چيو ته عالمي پسمنظر ۾ انگريزي، اصلوڪين تهذيبن جي ٻولين کي تيزيءَ سان کائي رهي آهي، ٻيو ملڪ جي رابطي جي ٻولي تيزيءَ سان اسان جي گهرن ۾ ڦهلجي رهي آهي. اسان جا ٻار ۽ انهن جون مائرون رابطي جي ٻوليءَ ۾ ڳالهائينديون آهن. سرڪاري ۽ خانگي اسڪولن ۾ به رابطي جي ٻولي ڳالهائي ويندي آهي، جنهن سبب سنڌي ٻولي کي نقصان پهچي رهيو آهي. ان سان اسان جي قومي سڃاڻپ لاءِ خطرو آهي.

ناليواري ليکڪ شبنم گل چيو ته ٻوليءَ جو تعلق زمين ۽ ثقافت سان آهي، ٻولي انسان جي نفسيات جي ويجهو آهي، ٻار ۾ جينياتي طور منتقل ٿئي ٿي. يونيسڪو به چيو آهي ته ٻار کي بنيادي تعليم ماءُ ٻولي ۾ ملڻ گهرجي.

ڊاڪٽر احسان دانش چيو ته ادارا ڪامياب تڏهن ٿيندا آهن، جڏهن اهي پنهنجن مقصدن تحت ڪم ڪندا آهن. هن وقت سنڌي ٻوليءَ کي مختلف للڪارون درپيش آهن. هي ادارو انهن للڪارن خلاف ڪم ڪري رهيو آهي. هن اداري پاران پهريون ڀيرو عالمي سنڌي ٻولي ڪانفرنسون ٿيون آهن ۽ ادارو پهريون ڀيرو سنڌي ٻوليءَ کي بچائڻ جو پيغام کڻي ٻاهر نڪتو. سنڌ کان ٻاهر اسلام آباد ۾ به وڏا پروگرام ٿيا ، ٻارن جا ميلا منعقد ٿيا. اداري جي بنيادي مقصدن تي ڪم ڪندي سنڌي سکيا جا مرڪز شروع ڪيا ويا آهن.

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر، ڊاڪٽر فياض لطيف ان موقعي تي چيو ته سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو موجود دور ۾ شاندار ڪم ڪري رهيو آهي. اداري جو ڪم عمارت کان نڪري عام ماڻهن تائين پهتو آهي، جيڪو ٻولي جي اداري جو اصل ڪم آهي. سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ ترجيح ئي هن اداري جو مقصد آهي. ان لاءِ موجوده چيئرمين جس لهي.

ناليواري شاعر علي آڪاش چيو ته اداري جي ٻين سرگرمين کان علاوه سنڌي ٻوليءَ جي جاڳرتا جي حوالي سان حيدرآباد ۽ ٻين شهرن ۾ جاڳرتا ريليون ڪڍيون ويون. جنهن بعد حيدرآباد جي دڪاندارن به سنڌي ٻوليءَ ۾ بورڊ لڳائڻ شروع ڪيا.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر راز شاهاڻي چيو ته هي پروگرام اسان جي روايتن جو هڪ حصو آهي. عالم ۽ اديب مختلف موضوعن تي ڪتاب لکندا آهن. ان ۾ سنڌي ٻولي سان لاڳاپيل نئين تحقيق ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ اڳڀرائيءَ تي ايوارڊ ڏنا ويندا آهن. جيڪا هڪ صحتمند روايت آهي.

تقريب ۾ ڪتاب ’سنڌي رسم الخط جو تحقيقي جائزو‘ تي ڊاڪٽر منصور ٿلهو، مقالي سنڌي اکرن جي معياري رمز جا رجسٽريشن ۽ يونيڪوڊ جو معياري استعمال تي مقالي نگار ڊاڪٽر احسان احمد عرساڻيءَ ۽ سنڌي شاعريءَ بابت جديد طرز جي ويب ايپليڪيشن ’باک‘ جوڙيندڙ عبيدالله ٿهيم ۽ ڪامران واحد کي سنڌي ٻولي 2024ع جا ايوارڊ ڏنا ويا. ان کان اڳ سيد سردار شاهه ۽ ڊاڪٽر اسحاق سميجي گڏجي سنڌي الف ب عجائب گهر ۽ ڪُليل اسٽيج جو افتتاح پڻ ڪيو. هن تقريب دوران انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جي تيرهين جلد جو مهورت پڻ ڪيو ويو.

***



## ڪراچيءَ ۾ سنڌي ميڊيا سان لاڳاپيل ميزبانن، اينڪرن ۽ خبرون پڙهندڙن جو تربيتي ورڪشاپ

# ”ميڊيا ۾ سنڌي ٻوليءَ جو واهپو“

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران دي ميڊيا فورم جي سهڪار سان مهراڻ هوٽل ڪراچيءَ ۾ ’سنڌي ميڊيا ۾ سنڌي ٻوليءَ جو واهپو‘ جي عنوان سان 26 جولاءِ 2025ع تي، هڪ ڏينهن جو تربيتي ورڪشاپ منعقد ڪيو ويو.

هن ورڪشاپ ۾ مختلف سنڌي ميڊيائي ادارن سان واڳيل خبرون پڙهندڙن، اسڪرپٽ ايڊيٽرن، مختلف چئنلن تي سنڌي پروگرامن جي ميزباني ڪندڙن ۽ پروڊيوسرن شرڪت ڪئي. هن ورڪشاپ ۾ خانگي چئنلن کان علاوه سرڪاري ٽي وي چئنل سان واڳيل مختلف شخصيتن پڻ شرڪت ڪئي.

ورڪشاپ ۾ نامياري اسڪالر ڊاڪٽر فهميده حسين، آغا رفيق، محمود مغل ۽ مهتاب اڪبر راشديءَ موجوده دور ۾ سنڌي ميڊيا ۾ سنڌي ٻوليءَ جي درست استعمال جي اهميت، بگاڙ جي سببن کي روڪڻ لاءِ گهربل اپاءَ وٺڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي واهپي کي وڌائڻ لاءِ سرڪار سميت فردن جي انفرادي ڪردار تي گفتگو ڪئي.

اداري جي چيئرمين ڊاڪٽر اسحاق سميجي ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪندڙن کي ڀليڪار ڪندي ورڪشاپ جي مقصدن، اهميت ۽ سنڌي ميڊيا ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بگاڙ کي روڪڻ بابت ڳالهائيندي چيو ته هن ورڪشاپ ۾ مختلف شعبن جا ماهر ويٺل آهن، هن جديد دور ۾سنڌي ٻوليءَ کي گهڻيون ئي للڪارون آڏو آهن، پرنٽ ميڊيا کان پوءِ هاڻ اليڪٽرانڪ ميڊيا جو سماج تي اثر وڌي رهيو آهي، جڏهن کان سنڌي خانگي ٽي وي چينل شروع ٿيا، تڏهن کان ٻوليءَ جي بگاڙ بابت سوال اُٿيا. هن وقت خانگي ٽي وي چينل گهڻو ڏنا وڃن ٿا پر انهن ادارن جي انتظاميا شايد گهٽ وسيلن سبب نيوز ڪاسٽرن يا پروگرام جي ميزبانن جي پيشيوراڻي تربيت جو نظام نه جوڙي سگهي آهي، جنهنڪري اتي سنڌي ٻوليءَ جو بگاڙ وڌندو رهيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ٻوليءَ جي معياري ۽ درست واهپي کي يقيني بنائڻ لاءِ هن ورڪشاپ جي ضرورت محسوس ڪئي. چاڪاڻ ته ميڊيا سان لاڳاپيل فرد سڌو سنئون سماج سان جڙيل آهي، ان جي ٻولي معياري ٿيندي ته عام ماڻهو به ٻوليءَ جو درست استعمال ڪندو.

ورڪشاپ جي پهرئين ويهڪ ۾ ڳالهائيندي ڊاڪٽر فهميده حسين چيو ته اڪثر نوجوان جڏهن وڏن شهرن ۾ اچن ٿا ته پنهنجي ٻوليءَ تي فخر ڪرڻ بدران اردو ۽ انگريزي ٻوليءَ جو اثر قبول ڪندي، غيرضروري طور ڌاريا لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ شامل ڪندا رهن ٿا. هن چيو ته جڏهن سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي سهڻا لفظ موجود هجن ۽ به انهن کي نظرانداز ڪري، انهن جي جاءِ تي ڌاريا لفظ ٺنبڻ ٻوليءَ جو بگاڙ آهي. جيتوڻيڪ ضرورت آهر سنڌي گرامر جي اصولن موجب ٻين ٻولين مان لفظ وٺڻ ۾ ڪا خرابي ناهي، پر ان لاءِ صرف اهي لفظ ئي اڌاريا وڃن، جيڪي سولائيءَ سان ترجمو ٿي سگهن. هن چيو ته سنڌي ٻوليءَ کي سڀ کان وڏيڪ خطرو ان جي ڳالهائيندڙن پاران پيدا ٿيندڙ بگاڙ مان آهي. انڪري مختلف چئنلن تي ڪم ڪندڙ سنڌي اينڪرن ۽ ميزبانن کي واحد جمع ۽ سنڌي ٻوليءَ جي اسمن جي درست حالت استعمال ڪرڻ مهل احتياط کان ڪم وٺڻ گهرجي. چاڪاڻ ته جڏهن ميڊيائي ادارن ۾ ڪم ڪندڙ فرد، ميزبان توڙي راڳي اچارن جو خيال نه ڪندا ته ماڻهن تائين درست ٻولي نه پهچندي، خاص ڪري نئون نسل ٻوليءَ جو غلط استعمال ڪندو. پروڊيوسرن ۽ ايڊيٽرن کي پڻ ان طرف خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي. هن چيو ته عربي سنڌيءَ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ لاءِ

رومن لپي اختيار ڪرڻ ٻين ملڪن ۾ رهندڙن جو نئون سنڌي نسل سنڌي ٻوليءَ سان سلهاڙيو جنهن سان سنڌي ٻوليءَ کي فائدو ٿيندو. ڊاڪٽر فهميده چيو ته جيستائين سنڌ حڪومت، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ٻوليءَ بابت ملندڙ تجويزن تي عمل نه ڪرائيندي، تيستائين سنڌي ٻوليءَ کي گهربل اهميت نه ملندي.

ورڪشاپ جي ٻين ويهڪ ۾ ناماياري ڊراما نگار ۽ ليکڪ آغا رفيق چيو ته انگريزن جي دور ۾ وچولي جي لهجي کي سنڌي ٻوليءَ جو معياري لهجو تسليم ڪيو ويو هو. ان ڪري ميڊيا جي واهپي ۾ وچولي جو لهجو ئي ڪم آڻڻ گهرجي.





هن چيو ته ٻولي ٻن طريقن سان اُسرندي آهي: هڪ سماجي لڳ لاڳاپن سان ٻيو پيداواري ذريعن مان. ان ريت ٻوليءَ جو بگاڙ به ٻن طريقن جو هوندو آهي. هڪ قدرتي ۽ ٻيو هٿرادو. جڏهن ته هٿرادو سببن ۾ سڀ کان وڏو سبب سياسي ۽ ثقافتي نااتفاقي هوندي آهي. انڪري جتي سياسي ۽ ثقافتي ٽڪراءَ وڌيڪ هوندا آهن، اتي ٻولي بگاڙ جو شڪار ٿيندي آهي. ٻوليءَ جي درست ڄاڻ نه هئڻ سبب، جيستائين ميڊيا ۾ ڪم ڪندڙ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي آخري وينجنن کي متحرڪ ڪري اچارڻ نه ٿا سگهن، تيستائين اهي مونث مذڪر ۽ اسمن جي حالتن جي تبديلين وارين ڳالهين کان لاعلم رهندا.

آغا رفيق وڌيڪ چيو ته سنڌي ميڊيا ۾ ڪم ڪندڙ فردن کي ٻوليءَ جا درست اُچار سکڻ سان گڏ، ٻيهڪ جي نشانين مطابق ڳالهائڻ گهرجي. انهن کي جملي ۾ 'تنهنجو جو' بدران 'تنهنجي جو' يا 'موري جو' وانگر درست صيغو استعمال ڪرڻ گهرجي. آغا رفيق پنهنجي سيشن دوران اردو سنڌي ٻوليءَ جي مختلف چئنلن جي خبرن

جون جهلڪيون هلائي، انهن ۾ موجود ٻوليءَ جي اچارن، ادائگيءَ جي ڍنگ ۽ فني غلطين جي نشاندهيءَ ذريعي سکيا وٺندڙن کي انهن غلطين کان بچڻ جا طريقا سيکاريا.

ورڪشاپ جي ٽين ويهڪ ۾ نامياري ليکڪ ۽ ڪمپيئر ڊاڪٽر محمود مغل ان طرف ڌيان ڇڪايو ته ٻولي سيکارڻ جي پهرين ذميداري والدين جي آهي. هن سکيا وٺندڙن کي ٻڌايو ته لفظن جي حرمت ئي هڪ فرد کي اعلي' پد تي پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي آهي. ان ڪري ميڊيائي ادارن سان لاڳاپيل فردن کي گهرجي ته ٻوليءَ جي بگاڙ کان بچڻ لاءِ اسڪرپٽ لکڻ ۽ ان مطابق ڳالهائڻ کي پنهنجو معمول بڻائن. هن چيو ته، مان ٽيهن سالن کان ٽي ويءَ تي جيڪو پروگرام ڪندو آهيان، اڄ به ان لاءِ اسڪرپٽ لکي ويندو آهيان. ان کان علاوه موجوده دور ۾ ميڊيائي ادارن ۾ ڪم ڪندڙن جي پيشوارانه تربيت کان علاوه منجهن ٻوليءَ جي درست استعمال جي سکيا جو پڻ فقدان آهي.

ڄاڻ ته ادارن جا مالڪ رڳو اهو ٿا چاهين ته بس رڳو ڪم هلي. ميڊيائي ادارن ۾ ڪم ڪندڙن کي هميشه پنهنجي سينئرن ۽ قابل ماڻهن کان سکڻ گهرجي. ان لاءِ کين 'ها'، 'نه' ۽ 'شايد' جا لفظ پنهنجي مزاج ۾ شامل ڪرڻ گهرجن. ڄاڻ ته انسان ۾ هر وقت سکيا جي گنجائش رهي ٿي. هن سکيا وٺندڙن کي ٻوليءَ جي درست اچارن ۽ استعمال کان علاوه ٻين پيشيوارانه پهلوئن جي پڻ سکيا ڏني.

چوٿون ۽ آخري سيشن نامياري ڪمپيئر، ليکڪ ۽ سياستدان محترمه مهتاب اڪبر راشديءَ سان ڳالهه ٻولهه تي مشتمل هو جنهن پنهنجي ميڊيا وارن تجربن کان آگاهه ڪيو

جنهن مان سکيا وٺندڙن ٻوليءَ جي درست استعمال ۽ ٻين فني پهلوئن بابت لاڀ حاصل ڪيو. انٽرويوءَ کان پوءِ پڇيل سوالن جا جواب پڻ سکيا وٺندڙن لاءِ لاڀائتا رهيا، جن مان ميڊيائي ادارن ۾ ٻوليءَ جي واهپي ۽ درست استعمال جي اهميت کي سمجهڻ ۾ هٿي ملي.

ورڪشاپ جي پڄاڻيءَ تي ميڊيا فورم جي اڳواڻ سجاد سهاڳ اداري جي چيئرمين ۽ شرڪت ڪندڙن جا ٿورا مڃيا. ورڪشاپ ۾ بخشڻ مهراڻوي، سڪندر بلوچ، نازيه ميمڻ، شهلا گل، نجف علي، عامر شاهه، نصير گوپانگ، ناجيه مير، شبنم موتي، باک پيرزادو، حيلا نثار مرڪياڻي، پرهه سيد، علي رضا ڪٽپر، نجمه سيد، شازيه ڪريم، بينا ذوالفقار، علي پنگر، ممتاز ڪنڌر، بخت بوزدار، طاهره وزير، سنڌيا سومرو، سهڻي پارس، عرفان محبوب، سورج ڪمار، ثناءُ الله هاشماڻي، محمد عثمان ميمڻ، مصطفيٰ عباسي، امر پيرزادو، صبا ابڙو، زبير کهڙو، فرخ اورنگزيب، فوزيه اعجاز، اسد آزاد، سبينا شهباز، قاضي هالار احمد ۽ ٻين نامور ميزبانن، راڳين، اينڪرن ۽ خبرون پڙهندڙن شرڪت ڪئي. جن سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي هن ڪوشش جي ساراهه ڪرڻ سان گڏ ان ڳالهه جو اظهار ڪيو ته هن قسم جو ورڪشاپ سندن ڪيريئر ۾ اڳ ڪڏهن ناهي ٿيو، جنهن مان نه صرف ٻوليءَ سان محبت جو اتساهه وڌيو آهي. پر ان جي درست استعمال واري رجحان کي پڻ مدد ملي آهي.

آخر ۾ شرڪت ڪندڙ ماهرن ۾ شيلڊون ۽ سکيا وٺندڙن کي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا.

***

# شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي نوابشاهه ۾
# "تحقيق جو فن ۽ ٻوليءَ تي تحقيق جا بنيادي اصول" تربيتي ورڪشاپ





سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ڪجهه عرصو اڳ ئي شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي، شهيد بينظير آباد سان هڪ يادداشتنامو صحي ڪيو ويو هو، جنهن موجب سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ يونيورسٽيءَ جي شاگردن جي تربيت جو انتظام ڪندو. ان سلسلي ۾ 25 سيپٽمبر 2025 تي شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي، نوابشاهه ۾ "تحقيق جو فن ۽ ٻوليءَ تي تحقيق جا بنيادي اصول" جي موضوع تي هڪ ڏينهن جو تربيتي ورڪشاپ، يونيورسٽيءَ جي فائن آرٽس شعبي جي 'ويڊيو ڪانفرنس هال' ۾ منعقد ڪيو ويو.

يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ڊاڪٽر مدد علي شاهه ۽ اداري جو چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجو ورڪشاپ ۾ شريڪ رهيا. اداري جي سهڪار ۽ ٻوليءَ سان نوجوانن جي محبت جي جذبي کي ساراهيندي ڊاڪٽر مدد علي شاهه يونيورسٽيءَ اندر علمي ۽ ثقافتي سرگرمين لاءِ ڪوششون وٺڻ ۽ وسيلا فراهم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. هن چيو ته سنڌي شعبي ۾ پڙهندڙ نوجوان هرگز مايوس نه ٿين، ادبي سرگرمين ۽ ڪتابن جي مطالعي سان اهي سٺي منزل ماڻي سگهن ٿا.

ڊاڪٽر اسحاق سميجي خطاب ڪندي چيو ته نوجوان شاگردن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ جديد علمن بابت تحقيق ڏانهن لاڙو پيدا ڪرڻ لاءِ هن قسم جون سرگرميون ضروري آهن. هن چيو ته هاڻي نوجوانن کي روايتي ادبي تحقيق کي ڇڏي ٻوليءَ جي علمن ۽ لسانيات جي شاخن جي چونڊ ڪرڻي پوندي، جنهن سان دنيا ۾ ڪين روزگار جا سنا موقعا به ملي سگهن ٿا. ڊاڪٽر اسحاق سميجي اعلان ڪيو ته اٿارٽيءَ جي 'سنڌي ٻولي انٽرنشپ پروگرام' کي جاري رکندي، هن يونيورسٽيءَ سميت ٻين يونيورسٽين جي شاگردن جي مالي سهائتا سان گڏ انهن کان سنڌي ٻوليءَ جي مختلف رخن تي تحقيقي ڪم ڪرايا ويندا . ورڪشاپ جي پهرئين سيشن ۾ "تحقيق جا طريقا ۽ لسانياتي تحقيق جا اصول" جي موضوعن تي ڊاڪٽر احسان دانش تفصيلي روشني وڌي.

ٻين ويهڪ/سيشن ۾ معياري تحقيق، حوالاجاتي مواد ۽ تت/ abstractلکڻ جو فن" تي ڊاڪٽر رفيق وساڻ تفصيل سان سمجهاڻيون ڏيئي سرگرميون پڻ ڪرايون. ان موقعي تي ڊاڪٽر ڦلو ميگهواڙ ۽ شوڪت چاچڙ پڻ خيالن جو اظهار ڪيو. آخر ۾ سڪيا وٺندڙن کي سرٽيفڪيٽ به ڏنا ويا.

***

# سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي استادن جي تربيت بابت اتفاق

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي اسڪولن ۾ سنڌي پڙهائيندڙ استادن کي تربيت ڪندو. اهڙو اتفاق سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمين ڊاڪٽر اسحاق سميجي ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي سربراهه گهنور خان لغاريءَ وچ ۾ 20 آگسٽ 2025ع تي ٿيل هڪ گڏجاڻيءَ ۾ ٿيو آهي.

ٻنهي ادارن جي اعليٰ اختيارين ۽ فني ٽيمن وچ ۾ اهڙي گڏجاڻي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ هلندڙ سنڌي ٻولي سکيا مرڪزن جي ماڊل کي وڌيڪ شهرن تائين ڦهلائڻ تي به اتفاق ٿيو جنهن لاءِ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن مالي سهڪار پڻ ڪندي.

اداري جي چيئرمين ڊاڪٽر اسحاق سميجي اداري پاران هلندڙ سينٽرن جي تصور، معيار، مينيوئل ۽ پڙهائڻ جي طريقن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. هن ٻڌايو ته جاٽايل سينٽر خانگي استادن جي تربيت لاءِ بيحد اهم ڪم سرانجام ڏئي رهيا آهن. ڪراچيءَ ۾ سڀ کان مهانگن اسڪولن جا استاد به سنڌي ٻولي سکيا مرڪزمان تربيت حاصل ڪري رهيا آهن. جنهن سان سينٽرن جي معيار جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هن چيو ته معياري سنڌي ٻولي پڙهائيندڙ استاد ئي سنڌي ٻوليءَ کي مستقبل تائين پهچائڻ ۾ مددگار ٿيندا. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن هڪ وڏو ادارو آهي، ان جي هٿ هيٺ هلندڙ اسڪولن جي تربيت سان اسان لکين ٻارن کي صحيح سنڌي پڙهائڻ ۽ سيکارڻ جي قابل بڻجي سگهنداسين. هن چيو ته سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي موجوده ڊي جي محترم گهنور خان لغاريءَ جي سنڌي ٻوليءَ بابت ڳڻتي هڪ ساراهه جوڳي ڳالهه آهي. اڄ جا ادارا حسابن،انگريزي ۽ سائنس جيتري ئي سنڌي ٻوليءَ کي اهميت نه ڏيندا ته مستقبل ۾ اسان جي ٻوليءَ کي ڪيئي للڪارون درپيش هونديون.جن کي ادارن کي گڏيل حڪمت عمليءَ سان منهن ڏيڻو پوندو.

ٻنهي ادارن جي سربراهن ۽ لاڳاپيل عملي وچ ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ ۽ خاص طور استادن جي تربيت جي حوالي سان تربيت جي طريقه ڪار طئي ڪرڻ ۽ مختلف هنڌن تي سکيا مرڪز کولڻ لاءِ جلد هڪ معاهدي ڪرڻ تي اتفاق ٿيو.

ان موقعي تي ڳالهائيندي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر گهنور خان لغاريءَ چيو ته سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو سنڌي ٻوليءَ جو محافظ ادارو آهي، جنهن وٽ ٻوليءَ کي سرڪار پاران سکيا ۽ تدريس جو ڪم پڻ سونپيل آهي. اسان چاهيون ٿا ته سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۾ پڙهندڙن ٻارن جي سنڌي توڙي اردو پڻ معياري هجي. ڇوته ٻار پنهنجي ماءُ ٻوليءَ وسيلي ئي پنهنجي وطن ۽ ورثي سان ڳنڍجي ٿو. ان لاءِ اسان جي خواهش آهي ته ٻوليءَ تي ڪم ڪندڙ هيءُ مستند ادارو سيف جي سمورن استادن کي اهڙي تربيت ڏئي، جيئن اهي اسان جي ايندڙ نسلن ۾ پنهنجي ٻولي وڌ ۾ وڌ اثرائتي نموني منتقل ڪري سگهن. هن وڌيڪ چيو ته پوري سنڌ ۾ سيف جي انتظام هيٺ اسڪول هلندڙ آهن. اسان چاهيون ٿا ته سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو وڏ ۾ وڏ نوان سينٽر قائم ڪري، اسان جي استادن جي ٻوليءَ بابت قابليت وڌائي.

گڏجاڻيءَ دوران ڊاڪٽر اسحاق سميجي، اداري پاران سيف جي سنڌي استادن جي تربيت جي خاطري ڪرائيندي، سکر، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ کان سواءِ مختلف ضلعن ۾ 5 نوان مرڪز قائم ڪرڻ جو واعدو ڪيو ته جيئن انهن شهرن ۾ سمورن خانگي اسڪولن جي استادن جي تربيت کي ممڪن بڻائي سگهجي. هن ٻڌايو ته ان ڏس ۾ وزير تعليم سيد سردار شاهه صاحب پڻ استادن جي سکيا پروگرام لاءِ نوان سينٽر قائم ڪرڻ لاءِ خاص طور چيو آهي .

هن گڏجاڻيءَ ۾ اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر راز شاهاڻي، تعليمي ماهر ادريس جتوئي، ايجوڪيشن فائونڊيشن جي عملدارن نثار ٻانيڻ، مسرت ذوالفقار، سجاد گهلو اٿارٽيءَ جي ڊائريڪٽر ائڊمن امين لغاري، سنڌي سکيا پروگرام جي ڪوآرڊينيٽر شوڪت چاچڙ ۽ ٽريننگ ڪارن ستار سروهي ۽ الاهي بخش اجڻ شرڪت ڪئي.



## مباحثو:

# ”ٺيٺ سنڌي لفظن جو عام ڳالهه ٻولهه ۾ گهٽجندڙ واهپو“




12 ڊسمبر 2025ع تي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سنڌي ٻولي، خطرا، موقعا ۽ تجويزون جي سلسلي هيٺ ”ٺيٺ سنڌي لفظن جو عام ڳالهه ٻولهه ۾ گهٽجندڙ واهپو“ جي موضوع تي آن لائين مباحثو ٿي گذريو. آن لائين مباحثي ۾ ڳالهائيندي سنڌي ٻوليءَ جي ناليواري اديب تاج جويو چيو ته ٻولي ۽ ٻولين جا لفظ صدين جو روح رکن ٿا. ان ڪري جيڪا ٻولي واهپي ۾ آهي، ان جا لفظ سدائين زنده رهن ٿا. ٻولين پنهنجا لفظ ٻين کي ڏيندين وٺنديون آهن ۽ اها ئي ٻولين جي شاهوڪاري تصور ڪئي ويندي آهي. اسان کي ٻوليءَ جي معاملي ۾ انتهاپسند نه ٿيڻ گهرجي. سنڌيءَ جا ڪوڙاهڙا نج لفظ آهن. جيڪي عام واهپي ۾ اچڻ گهرجن، ٻي صورت ۾ اهي متروڪ يا ختم نه ٿيڻ گهرجن. ان ڪري اسان کي ڪوشش ڪري ٻوليءَ ۾ نج لفظ استعمال ڪرڻ گهرجن. مثال طور: 'پهه' لفظ مطلب ’ارادو‘. ان ڪري 'ارادو' لفظ نه پر 'پهه' لفظ استعمال ڪرڻ گهرجي. 'ويساهه' لفظ جو مطلب اعتماد آهي، اتي اسان کي 'ويساهه' استعمال ڪرڻ گهرجي. لفظ آهي 'وزير اعليٰ' اتي 'وڏو وزير' لفظ استعمال ڪرڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو ته اسان کي نج لفظ وڏ ۾ وڏ پنهنجي لکت ۾ ۽ لغتن وسيلي محفوظ رکڻ کپن.

لسانيات ۽ ٻوليءَ جي ماهر ڊاڪٽر الطاف جوکيي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته تعليم پرائڻ جا ٻه ذريعا هوندا آهن. هڪ فارمل ٻيو ان فارمل. ان فارمل ۾ عام ڪچهرين مان ماڻهو ٻولي سکي ٿو خاص ڪري جڏهن ٻار اسڪول ۾ اچي ٿو ته گهٽي ۾ڳي ٻولي ماءُ جي هنج مان ئي سکي اچي ٿو. هاڻي گهڻو ڪري ما ٻه اها ٻولي نه ٿيون سيکاري سگهن، گلوبل دنيا ۾ سوشل ميڊيا جو گهڻو اثر ٿئي ٿو ٻار ٻه هاڻي اها ئي ٻولي سکي رهيو آهي. ٻوليءَ کي ٻار ۾ منتقل ڪئين ڪجي ان جو بنياد گهر ۽ ٻيو استاد آهن، انهن ذريعي ٻولي منتقل ڪري سگهجي ٿي. هن وڌيڪ چيو ته ٻوليءَ جا نج لفظ آکاڻين ذريعي به منتقل ٿي سگهن ٿا.

ناليواري محقق ڊاڪٽر قادر بخش مگسي مباحثي ۾ ڳالهائيندي چيو ته ٻوليءَ تي هاڻي ٽيڪنالاجيءَ جو اثر گهڻو آهي، موجوده دور جو ٻار ٻوليءَ جي معاملي ۾ سنجيده نه آهي، ۽ اسڪول ۾ به ٻوليءَ واري پاسي اهو معيار نه آهي. ان ڪري والدين ۽ سماج کي ان طرف سوچڻو پوندو.

آن لائين مباحثي جي ميزباني ناليواري ليکڪ علي زاهد ڪئي.

***

# سنڌي سکيا مرڪز حيدرآباد ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائڻ جي تقريب




پهرين اپريل 2026ع: اوقاف کاتي جي چيف ايڊمنسٽريٽر ۽ نامور ليکڪ مختيار علي ابڙي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو دورو ڪيو. دوري اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر شير مهراڻي سان ملاقات، گڏيل دلچسپي جي معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون. ملاقات دوران اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر شير مهراڻي اوقاف کاتي جي سهڪار سان شهر اندر ڪتاب گهر کولڻ لاءِ موزون جاءِ ڏيڻ ۽ سنڌ ۾ اوقاف کاتي جي انتظام هيٺ ايندڙ درگاهن جا سائن بورڊ توڙي زائرين جي رهنمائي لاءِ لکجندڙ هدايتون سنڌي ۾ لکرائڻ لاءِ درخواست ڪئي. ان موقعي تي چيف ايڊمنسٽريٽر مختيار علي ابڙي چيو ته ”سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ڪتاب گهر کولڻ لاءِ موزون ۽ مناسب جاءِ جي ڳولا ڪري اتي ڪتاب گهر کوليو ويندو ته جيئن علمي، ادبي توڙي ٻولي سان لاڳاپيل ڪتابن تائين عام پڙهندڙ جي پهچ آسان ٿي سگهي ان حوالي سان اوقاف کاتو ڀرپور سهڪار ڪندو. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ اوقاف کاتي جي انتظام هيٺ ايندڙ درگاهن وارا سائن بورڊ ۽ زائرين جي رهنمائي لاءِ هدايتون سنڌي ۾ لکرائڻ لاءِ پڻ تڪڙا اُپاءَ ورتا ويندا.“ ملاقات دوران سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو اڳوڻو چيئرمئن ڊاڪٽر محمد علي مانجهي پڻ موجود هو.

# اداري جون مختلف سرگرميون

### 21 فيبروري 2026ع تي ٻولين جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي

## ”گهڻ لساني سکيا لاءِ ٽيڪنالاجي جو استعمال: مسئلا ۽ موقعا“ ڪانفرنس







ڪانفرنس جي صدارت ڪندي ناليواري ليڪڪ مدد علي سنڌي چيو تہ ”اڄوڪي ڏينهن جي وڏي تاريخي اهميت آهي، بنگالي ٻولي جي لاءِ جدوجهد ڪندڙ شاگردن جي قرباني آهي جيڪا انهن 1952 ۾ ڏني ۽ پوءِ گڏيل قومن 1997 ۾ هن ڏينهن کي ٻولين جي عالمي ڏينهن طور ملهائڻ جو اعلان ڪيو. هن چيو تہ جڏهن ادارا نہ هئا تڏهن بہ سنڌي ٻوليءَ سلامت هئي، سنڌ تي هزارين حملا ٿيا ان باوجود سنڌ. سنڌي ماڻهو ۽ سنڌي ٻوليءَ قائم آهن. اسان وٽ موهن جي دڙي ۽ شاهہ لطيف جهڙا ورثا موجود آهن تہ سنڌي ٻوليءَ سلامت رهندي. خانگي ادارن ۾ سنڌي نٿي پڙهائي وڃي ان لاءِ سختي سان عمل ڪرائڻ جي ضرورت آهي. مهمان خاص صوبائي وزير سيد ذوالفقار شاهہ خطاب ڪندي چيو تہ دنيا ۾ 7 هزار کان وڌيڪ ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. ٻولي اٿارٽي جو ڪم سنڌي ٻولي کي محفوظ بڻائڻ آهي، دنيا کي ٻڌائڻو پوندو تہ سنڌي پرامن آهن. هن چيو تہ اڄ سنڌ کي ورهائڻ جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن. سنڌ ۽ سنڌي ٻولي تي حملي جون سازشون ناڪام بڻايون وينديون. سازشي عنصرن کي شڪست نصيب ٿيندي. هن وڌيڪ چيو تہ سنڌي ٻولي ڪانفرنسون اسلام آباد، دبئي سميت ٻين ملڪن ۾ بہ ڪرائڻ گهرجن.“ ٻولي اٿارٽي جي چيئرمئن ڊاڪٽر شير مهراڻي ڪانفرس جا مقصد ٻڌائيندي چيو تہ يو اين او چوي ٿي تہ وڌيڪ ٻوليون سکڻ گهرجن پر پنهنجي ٻولي کي اهميت ڏيڻ گهرجي، ٻولي خاص نہ عام بچائيندا آهيون. اسان خوش قسمت آهيون جو 5 هزار سال پراڻي سنڌي ٻولي جا وارث آهيون. عظيم ٻوليون ئي پاڻ ۾ تبديليون آڻينديون آهي، جيئن سنڌي هڪ ارتقا جي مرحلي مان گذري اڄ موجود آهي.“ انعام شيخ چيو تہ ”سنڌي ٻولي کي سڀ کان وڏو خطرو غيرفطري ۽ غير لاڳاپيل لفظ ڳالهائڻ آهن. اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا تي ٻولي جو بگاڙ وڌي ويو آهي، تعليمي ادارن ۾ سنڌي جو استعمال رخ گهٽجي ويو آهي، يونيورسٽين ۾ سنڌي ۾ پيپر يا ٿيسز لکڻ وارو عمل ختم ڪيو ويو آهي.“ ناميار دانشور جامي چانڊيي چيو تہ ”دنيا جون سموريون مادري ٻوليون هڪجهڙيون آهن. دنيا ۾ ٻولين جي تفريق ٻولين پاڻ ناهي آندي، طبقاتي نظام، طاقت،عقيدا ۽ جاهلت جي ڪري ٻولي جي صورت بدلجي وڃي ٿي. هن چيو تہ چيو وڃي ٿو ٻوليءَ ابلاغ ۽ رابطي جو ذريعو آهي پر جڏهن انسان اڪيلو هوندو آهي، پاڻ سان ڳالهائي ٿو ڪجهہ لکي يا سوچي ٿو اهو بہ هو پنهنجي ٻولي ۾ ڪري ٿو ان ڪري ٻولي وجود آهي چو تہ ڄاڻڻ ۽ سوچڻ جو پورو عمل ٻولي ۾ آهي، انسان جو تهذيبي، تخليقي سفر ۽ علم ٻولين ۾ آهي ان ڪري ٻولين جو بچڻ ضروري آهي. هن وڌيڪ چيو تہ ٻوليون طاقت جي ڪري ئي مرن ۽ بچن ٿيون، دنيا جي هر عالمگير ٻولي طاقت جي ڦهلاءِ سان ئي وڌيون ٿيون، عرب بادشاهت جي ڦهلڻ سبب عربي ٻولي وڌي ايئن ڪالونيل دؤر کان پوءِ انگريزي عالمگير ٻولي بڻجي وئي، مطلب ننڍيون وڏيون ٻوليون طاقت طئي ڪندي آهي. عبدالماجد ڀرڳڙي انسٽيٽيوٽ آف لينگئيج انجنيئرنگ جي ڊائريڪٽر امر فياض ٻرڙي چيو تہ ”عبدالماجد انسٽيٽيوٽ واحد ادارو آهي، جنهن عزم ڪيو تہ مشينري کي سنڌي ٻولي بابت اهڙو مواد مهيا ڪجي جو اها ايئن ڳالهائي جيئن سنڌ جي سگهڙ ماءُ ٻار سان ڳالهائيندي آهي، ۽ٿائي سرڪار تي جيترو ڪم ٿيو آهي اوترو دنيا جي ڪنهن بہ شاعر تي ڪم ناهي ٿيو فخر سان چئي سگهجي ٿو تہ هن وقت سنڌي ٻولي مصنوعي ذهانت جي ٻولي آهي، سنڌي کي جديد دنيا ۾ ڪٽي هلڻ واري مقصد ۾ ڪامياب ٿي ويا آهيون.“ شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي نوابشاهہ جي استاد ڊاڪٽر ڦلو مينگهواڙ چيو تہ ”يونيسڪو جي رپورٽ مطابق سنڌ ۾ سنڌي کانسواءِ ٻيون مقامي ٻوليون خطري ۾ آهن، ٻولين جو مرڻ قومن جو مرڻ هوندو آهي، سنڌ ۾ سمورين مقامي ٻولين کي قانوني حق ملڻ گهرجي ان سان ئي اهي ٻوليون بچي سگهنديون ڪنهن بہ هڪ ٻولي جو موت صدين جي ڏاهپ جو موت آهي. اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر راز شاهاڻي آيل مهمانن جي آجيان ڪندي چيو تہ ”اڄوڪو ڏينهن اسان کان تقاضا ڪري ٿو تہ اسان پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسون تہ اسان پنهنجي ٻولي جي ڪهڙي خدمت ڪئي آهي، اسان کي پنهنجي ماء ٻولي جي ترقي، تحفظ ۽ واهپي لاءِ ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.“ ڪانفرنس ۾ ڊاڪٽر مخمور بخاري، ڊاڪٽر بختاور جليل ابڙي ۽ پروفيسر حسام الدين ميراڻي پڻ پنهنجا مقالا پڙهيا، جڏهن تہ عامر ضياء چارڻ انٽرنيٽ تي سنڌ سلامت جي هيستائين ڪارڪردگي بابت ٻڌايو. ڪانفرنس دوران اداري پاران ڇپيل ٽن ڪتابن ۽ ايس ايل اي فونٽ جي مهورت پڻ ڪئي وئي.

***

# ڊاڪٽر شير مهراڻيءَ جي چيئرمين شپ دوران سرگرمين جي ڇهه ماهي مختصر رپورٽ

* سنڌي لئنگئيج اٿارٽي پاران ڪراچي، سکر ۽ حيدرآباد ۾ سنڌي ٻولي سکيا مرڪز قائم آهن. هن سال وڌيڪ ٽي سنڌي ٻولي سکيا مرڪز قائم ڪيا ويا. جن ۾ خيرپور، شهيدبينظير آباد، ميرپور خاص ۽ اسلام آباد ۾ قائم ڪيل مرڪز شامل آهن. يعني هن وقت ڪُل ست (7) مرڪز سنڌي ٻوليءَ جي سکيا ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. جتان هزارين نوجوان سنڌي ٻوليءَ جي سکيا مڪمل ڪري چڪا آهن. ڪين ڪاميابيءَ جا سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا آهن.

*سنڌي لئنگئيج اٿارٽي پاران پنهنجي ذميواري کان وڌيڪ ڪم ڪندڙ محنتي ڪارڪنن کي ”شاباس ناما“ ڏيڻ جو سلسلو پڻ شروع ڪيو ويو آهي. اهڙي عمل سان ملازمن ۾ ڪم ڪرڻ جو جذبو وڌي ٿو ۽ هو پنهنجي ذميوارين کان علاوه پڻ اداري ۾ ڪم ڪن ٿا. ان ڏس ۾ هن وقت تائين ٽن ملازمن کي اهڙا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا آهن. جن ۾ فيصل ميمڻ، فيضان جتوئي ۽ محمد رمضان ترڪ شامل آهن.

*سنڌي لئنگئيج اٿارٽي پاران شايع ڪرايل ڪتابن جا تعارف سوشل ميڊيا تي ڏيڻ جو سلسلو پڻ شروع ڪيو ويو آهي. ان عمل سان ڪتابن جي وڪري توڙي انهن جي پذيرائيءَ ۾ واڌارو ٿيو آهي. هن وقت تائين لڳ ڀڳ پنجاهه ڪتابن جا تعارف سوشل ميڊيا تي رکيا ويا آهن. اداري جي ان عمل کي پڻ وڏي پئماني تي ساراهيو ويو آهي.

*سنڌي لئنگئيج اٿارٽي پاران اداري جي فيس بوڪ پيج ۽ سوشل ميڊيا جي ٻين ڪاتن کي پڻ وڌيڪ فعال ڪيو ويو آهي؛ نتيجي ۾ 93 هزار کان وڌيڪ ماڻهو فيس بوڪ پيج فالو ڪن ٿا. اتي پڻ بهترين صلاحون اچي رهيون آهن؛ جن کي مد نظر رکندي مختلف ادارن سان لهه وچڙ جاري آهي ۽ اداري جو يوٽيوب چينل پڻ مونوٽائيز ٿي چڪو آهي.

*سنڌي ٻوليءَ جي درست واهپي کي يقيني بڻائڻ پڻ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جي بنيادي ذميوارين مان هڪ ذميواري آهي. ان ڏس ۾ اليڪٽرانڪ، پرنٽ توڙي سوشل ميڊيا تي استعمال ٿيندڙ ٻولي جو جائزو ورتو پيو وڃي ۽ ٻوليءَ جي غلط واهپي تي ٽڪرا اپاءَ وٺي ان ۾ درستگيون ڪرايون پيون وڃن. ان جو هڪ مثال 27 مارچ 2026ع تي سنڌ فوڊ اٿارٽي پاران ڪاوش اخبار ۾ شايع ٿيل اشتهار آهي. جنهن ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي پاران غلطين جي نشاندهي ڪرڻ تي فوڊ اٿارٽي اختيارين پاران معذرت ڪري اشتهار ٻيهر شايع ڪرايو. ٻئي اشتهار هتي ڏجن ٿا.

*سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جي شايع ٿيل ڪتابن جي هٿوهٿ توڙي آنلائين وڪري لاءِ بهترين نظام موجود آهي. اداري ۾ قليچ ڪتاب گهر سٺو ڪم ڪري رهيو آهي. اداري پاران مختلف ڪتابي ميلن ۾ اسٽال پڻ لڳايا ويندا آهن؛ جن سان پڻ ڪتابن جي وڪري ۾ سٺو واڌارو ٿئي ٿو. هن سال سيوهڻ، شهيدبينظير آباد، حيدرآباد ۽ ٻين شهرن ۾ لڳندڙ ڪتابي ميلن ۾ پنهنجا ڪتاب رکيا ويا. ڪتابن جي وڪري لاءِ مختلف ادارن سان پڻ لهه وچڙ هلندڙ آهي. نتيجي ۾ رڳو هڪڙي اداري پاران لکن جا ڪتاب خريد ڪيا ويا.

* اداري پاران هر سال نوان ڪتاب پڻ شايع ڪيا وڃن ٿا. هن سال اشاعتي ڪاميٽي جي گڏجاڻي ڪوٺائي وئي ۽ هي ڪتاب شايع ڪرايا ويا آهن.

## نوان ڇاپيل ڪتاب

| | |
|---|---|
| ڏاٽڪي ٻولي | ڊاڪٽر ڦلو مل |
| سنڌو لکت جي ياچ (جلد II) | ڪاشف اجرڪ سميجو |
| سنڌي ٻوليءَ تي مختلف ٻولين جو اثر | ڊاڪٽر راز شاهاڻي |
| علم السان ۽ سنڌي ٻولي (چوٿون ڇاپو) | پروفيسر علي نواز حاجن خان جتوئي |
| لاطيني، يوناني ۽ فرينچ اصطلاحن جي لغت | منوج ڪمار |
| سرڪاري ملازمت جا قاعدا ۽ قانون | ڊاڪٽر خليل الرحمان شيخ |
| سنڌو سڀيتا جي لکت | عطا محمد ڀنڀرو |

# خيرپور مرڪز ۾ سنڌي سکيا جون سرگرميون شروع




سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر شير مهراڻيءَ جي ڪوشش سان خيرپور آرٽس ڪائونسل ۾ سنڌي ٻولي سکيا مرڪز قائم ڪندي سکيا سرگرمين جي شروعات ڪئي وئي آهي.

پهرئين مرحلي ۾ استادن لاءِ "سنڌي تدريسي سرٽيفڪيٽ ڪورس" جو تعارفي ڪلاس ٿي گذريو. جنهن ۾ نامياري تعليمي ماهر ۽ هي سکيا ڪورس تيار ڪندڙ ڊاڪٽر عبدالوحيد گلوڙ پاران عالمي تدريس جي جديد اصولن تحت بنيادي نڪتن بابت ڄاڻ ڏني ۽ لساني مهارتن سميت تدريس ۽ مواد جي فراهمي سميت ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ، لکڻ جي مهارتن تي روشني وڌي ۽ شريڪ استادن کان مختلف سرگرميون ڪرايون.

ان موقعي تي ويڊيو لنڪ ذريعي چيئرمين ڊاڪٽر شير مهراڻيءَ خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ سنڌي ٻوليءَ جي درست سکيا ذريعي نئين نسل کي پنهنجي ثقافتي ورثي جي اهميت محسوس ڪرائڻ ئي اسان جو بنيادي مقصد آهي.. هن ٻڌايو تہ نوابشاھ ۽ خيرپور کان علاوه ڪجھ ٻين ضلعن ۾ بہ اهڙا مرڪز قائم ڪرڻ جو ارادو آهي. خيرپور مرڪز جي نگران ۽ برک ليکڪ مختيار ملڪ ان موقعي تي چيو تہ اسان جي محفوظ مستقبل سنڌي ٻولي ۽ ثقافت سلامتي سان سلهاڙيل آهي. استاد سنڌي ٻوليءَ جي سکيا سان وسيلي اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. سکيا مرڪزن جي ڪوآرڊينيٽر ۽ اٿارٽيءَ جي پبليڪشن آفيسر شوڪت چاچڙ چيو تہ اداري پاران سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ ان جي مفت ٽيڪنيڪي سکيا لاءِ هر ممڪن ڪوششون ورتيون پيون وڃن. خيرپور مرڪز جي تربيتڪار حبدار جاگيراڻيءَ چيو تہ سنڌي ٻوليءَ جي جديد سکيا سان نئين نسل کي لاڀ حاصل ٿيندو. ان موقعي تي سکر مرڪز جي تربيتڪار پنهل چاڪراڻي تربيت جي مرحلن ۽ سرگرمين بابت چيو تہ اهي شاگردن ۾ لساني مهارتون پيدا ڪنديون. پهرئين ڪلاس دوران ڊاڪٽر وحيد ڪلوڙ تربيت وٺندڙن کي ملٽي ميڊيا وسيلي عملي سکيا بابت سمجهاڻيون پڻ ڏنيون.

خيرپور مرڪز ۾ مختلف اسڪولن، ڪاليجن جا استاد ۽ شاھ لطيف يونيورسٽيءَ جا شاگرد سکيا حاصل ڪندا. رهجي ويل اميدوارن کي ڄاڻايل مرڪز ۾ سومر کان جمعي تائين منجهند 3 وڳي رابطو ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي آهي.

❋❋❋



# نوابشاهه ۽ خيرپور ۾ سنڌي سکيا مرڪزن جو قيام



ڊاڪٽر شير مهراڻي (چيئرمين سنڌي ٻولي اٿارٽي) ۽ عبدالصمد نظاماڻي (ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظير آباد) سنڌي سکيا مرڪز. شهيد بينظير آباد جو افتتاح ڪندي. (16 اپريل 2026ع)

## سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران شهيد بينظير آباد ۾ سنڌي ٻولي سکيا مرڪز جو افتتاح

نوابشاهه 16 اپريل 2026.ع:

چيئرمين سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ڊاڪٽر شير مهراڻيءَ، ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظير آباد عبدالصمد نظاماڻيءَ سان گڏجي 'بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ شهيد بينظير آباد ۾ 'سنڌي ٻولي سکيا مرڪز' جو افتتاح ڪيو.

افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر عبدالصمد نظاماڻي چيو ته سنڌي ٻولي اسان جي سڃاڻپ آهي ۽ ان جي حفاظت ۽ واڌاري لاءِ اهڙن مرڪزن جو قيام نهايت ضروري آهي. هن وڌيڪ چيو ته نوجوان نسل کي پنهنجي مادري ٻوليءَ سان ڳنڍڻ وقت جي اهم ضرورت آهي، جنهن سان نه رڳو ثقافت محفوظ رهندي پر تعليمي ۽ سماجي ترقي پڻ ممڪن بڻبي.ان موقعي تي سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر شير مهراڻي چيو ته اسان جو بنيادي مقصد نئين نسل کي سنڌي ٻوليءَ جي درست سکيا ۽ استعمال ڏانهن مائل ڪرڻ آهي ته جيئن ايندڙ نسل به پنهنجي مادري ٻوليءَ سان ڳنڍيل رهن. چيئرمئن وڌيڪ چيو ته اهڙا مرڪز حيدرآباد، ڪراچي سکر ۽ خيرپور ۾ به قائم ڪيا ويا آهن.. جتي سنڌي استادن جي تربيت کان علاوه سنڌي نه ڄاڻندڙ فردن لاءِ بنيادي سنڌي ڪورس پڻ ڪرايو وڃي ٿو.

افتتاحي تقريب ۾ ڊائريڪٽر بلاول انسٽيٽيوٽ، نذير احمد زرداري، شهيد بينظير يونيورسٽيءَ جي ڊين پروفيسر لياقت علي زرداري، سنڌي شعبي جي چيئرمئن امير علي شاهه، جينيٽڪس شعبي جي ڊاڪٽر اختر حسين شر ۽ سنڌي شعبي جي ڊاڪٽر ڦلو ميگهواڙ پڻ خطاب ڪيو جن سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جي سکيا مرڪزن جي ڪردار کي ساراهيو ۽ چيو ته“ سنڌي ٻولي سکيا مرڪزن ۾ مختلف شعبن سان لاڳاپيل ماڻهن کي سنڌي ٻولي پڙهڻ، لکڻ ۽ ڳالهائڻ جي بنيادي تربيت فراهم ڪرڻ ساراهه جوڳو ڪم آهي. واضح رهي ته سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي انهن مرڪزن ۾ ٻن قسمن جا سرٽيفڪيٽ ڪورس ڪرايا وڃن ٿا، هڪ سنڌي پڙهائيندڙ استادن جو سرٽيفڪيٽ ڪورس ۽ ٻيو بنيادي ڪورس سنڌي نه ڄاڻندڙ فردن لاءِ پڻ آهي، انهن ڪورسن مان سوين ماڻهو لاڀ حاصل ڪري چڪا آهن.

***

***

**اٿارٽيءَ جي قليچ ڪتاب گهر پاران اداري ۾ توڙي مختلف ڪتابي ميلن (قلندر ادبي ڪانفرنس، ثقافت کاتي جي ڪتابي ميلي، شيخ اياز ميلي، بهار فن ميلي نوابشاهه ۽ غمناڪ حسيني) ميلي دوران مختلف وقتن تي ان مالي سال دوران 2336747 اکرين ٽيويهه لک ڇٽيهه هزار ست سئو ستيتاليهه روپين جا ڪتاب وڪرو ڪيا.**



# ڊاڪٽر شير مهراڻي اداري جو نئون چيئرمئن مقرر، آجياڻي تقريب

13 جنوري 2026ع تي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي نئين مقرر ٿيل چيئرمئن پروفيسر ڊاڪٽر شير مهراڻيءَ جي مان ۾ آجياڻو ۽ اڳوڻي چيئرمئن پروفيسر ڊاڪٽر اسحاق سميجي





جي مان ۾ الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب ۾ عالمن، اديبن ۽ اداري جي ملازمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب کي خاطب ڪندي اداري جي نئين چيئرمئن ڊاڪٽر شير مهراڻي چيو ته ”سماج جنهن فرد مان اميدون رکي ٿو ته سمجهو ان تي ذميوارين جو وزن وڌي وڃي ٿو. اڄ مون کي هڪ نئين ذميواري سونپي وئي آهي، اها فقط ذميواري نه آهي، پر اهو مون لاءِ اعزاز آهي ته مونکي ٻوليءَ جي اداري ۾ ٻوليءَ جي خدمت ڪرڻ جو موقعو مليو آهي، فرد اچڻا وڃڻا آهن، پر مقصد اهم هوندا آهن. انهن مقصدن جي حاصلات لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻو آهي. هن چيو ته هن دؤر ۾ ٽيڪنالاجيءَ جي ٻوڏ آهي، گذريل پنجن سالن ۾ جيڪا تبديلي ۽ جدت آئي آهي، اها پنجن صدين ۾ به نه آئي هوندي. مصنوعي ذهانت جي هن دؤر ۾ پنهنجي ٻوليءَ کي جائز مقام ڏيارڻ، ان جي ترقي ۽ واڌ ويجهه لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. هن وڌيڪ چيو ته منهنجي نظر ۾ هر انسان جون ٽي مائرون هونديون آهن. هڪ ماءُ اها آهي جيڪا انسان کي ڄڻي ٿي، ٻي ماءَ ڌرتي ماءُ آهي جيڪا انسان کي پنهنجي هنج ۾ وٺي ٿي، ٽيئن ماءُ ٻولي آهي، جيڪا انسان جي سڃاڻپ آهي، منهنجي خوشنصيبي آهي جو مون کي ماءُ ٻولي جي اداري ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو آهي. منهنجي ڀرپور ڪوشش هوندي ته سنين ۽ مثبت روايتن کي گڏ ڪٺي هلان.“ اداري مان سبڪدوش ٿيندڙ اڳوڻي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو ته ”سڀ کان پهرين مبارڪباد جا مستحق هن اداري جا ڪارڪن آهن، جن اداري هر دؤر جي سربراهه سان گڏ ڪم ڪري اداري کي ٺاهيو آهي، چيئرمئن توڙي سيڪريٽري ته مهمان طور ايندا آهن پر اصل هتي ڪم ڪندڙ ڪارڪن آهن، سربراهه ته ايندا ۽ ويندا رهندا آهن. ڊاڪٽر شير مهراڻي نئين دؤر جو متحرڪ ماڻهو آهي، هن وقت نئين دؤر جو ماڻهوئي جديد دؤر جي مطابق رٿابندي ۽ پاليسين سان اداري کي بهتر هلائي سگهي ٿو. هن چيو ته ٻوليءَ کي لغتون نه بچائي سگهنديون ٻوليءَ کي اسان جو ٻار بچائيندو. ان لاءِ اسان سنڌي نه پڙهائيندڙ خانگي اسڪولن خلاف شڪايتي مرڪز کوليو. سنڌي پڙهائيندڙ استادن لاءِ ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ سکيا مرڪز قائم ڪيا، جتي سوين استاد سکيا وٺي چڪا آهن. انهن سکيا مرڪزن کي ضلعي سطح تي وڌائڻ جي ضرورت آهي. اداري جي اڳوڻي چيئرمئن ڊاڪٽر محمد علي مانجهي چيو ته ”هي ادارو ٻوليءَ جي حوالي سان اهم ادارو آهي، وڏا عالم ۽ اسڪالر هن اداري جا سربراهه رهيا. ڊاڪٽر اسحاق سميجي بهترين انداز ۾ ڪم ڪري پنهنجو سفر ڪاميابي سان پورو ڪيو. ڊاڪٽر شير مهراڻي جو سفر اڄ کان شروع ٿيو آهي، سندس علمي ۽ تحقيقي ڪم سامهون رهيو آهي اميد آهي ته هن اداري ۾ پڻ ٻولي جي ترقي، واڌ ويجهه ۽ نفاذ لاءِ پنهنجي ان تسلسل کي برقرار رکندو. انسٽيٽيوٽ آف سنڌولاجي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف چيو ته اڄ ڊاڪٽر اسحاق سميجي کي پڻ مبارڪون هجن جنهن اداري ۾ پنهنجي ذميوارين جو سفر ڪاميابي سان پورو ڪيو ۽ ڊاڪٽر شير مهراڻيءَ کي واڌايون هجن، جنهن کي هن اداري ۾ ڪم ڪرڻ جو اعزاز مليو آهي، اميد آهي ته اداري جي تشخص کي برقرار رکڻ لاءِ ڊاڪٽر شير مهراڻي پنهنجون سموريون صلاحيتون ڪتب آڻيندو.“ ناليواري شاعر نياز پنهور چيو ته ”ڊاڪٽر شير مهراڻي



لطيف ۽ لطيف جي ٻوليءَ سان پيار ڪندڙ ماڻهو آهي اميد آهي ته ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ پنهنجو ڪردار ڀرپور نموني نڀائيندو. نامياري ليکڪ ڊاڪٽر مخمور بخاري چيو ته ”ڊاڪٽر شير مهراڻي جو ڪردار مثبت رهيو آهي، ٻولي جي اداري ۾ سربراهه طور مقرر ٿيڻ وڏو اعزاز آهي اميد ته سندس سربراهيءَ ۾ ٻوليءَ جي واڌ ويجهه، ترقي ۽ نفاذ لاءِ هي ادارو وڌيڪ ڪاميابيون ماڻيندو.“

تقريب کان سواءِ مختلف عالمن، اديبن تاج جويي، ڊاڪٽر احسان دانش، نوراحمد جنجهي، علي دوست عاجز، واحد ڪانڌڙي، انور منصور، عابد انڙ، ضياء ابڙي، ڊاڪٽر ڦلو مل مينگهواڙ، بينظير جوڻيجو، ستار سروهي ۽ ٻين ڊاڪٽر شير مهراڻي کي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن مقرر ٿيڻ تي واڌايون ڏنيون.

# اداري جي بورڊ آف گورنرس جي 46 هين گڏجاڻي





23 جنوري 2026ع تي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي بورڊ آف گورنرس جي 46هين گڏجاڻي چيئرمئن ڊاڪٽر شير مهراڻي جي صدارت هيٺ ٿي گذري. گڏجاڻي ۾ اداري جي مقرر نئين چيئرمئن ڊاڪٽر شير مهراڻي سان تعارف ڪانپوءِ اداري جي مجموعي ڪارڪردگي، ڪمن، ايندڙ وقت جي منصوبن ۽ سال 2025ع جي ڪتابن تي ادبي انعام ڏيڻ جي طريقڪار تي ڳالهايو ويو. بورڊ آف گورنرس جي ميمبرن مقرر نئين چيئرمئن جي آجيان ڪندي اداري جي مقصدن جي حاصلات ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ ترويج جي سلسلي ۾ هر ممڪن ساٿ ڏيڻ جو يقين ڏياريو. اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر راز شاهاڻي گڏجاڻي جي ڪارروائي هلائي. گڏجاڻي ۾ بورڊ جي ميمبرن ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ڊاڪٽر تهمينہ مفتي، ڊاڪٽر غلام نبي سڏائي، ڊاڪٽر فياض لطيف، مختيار ملڪ، امر فياض ٻرڙي، عزيز ڪنگراڻي ۽ اڪبر لغاري شرڪت ڪئي.

### دنيا جون سڀئي ٻوليون اوائلي سنڌو ٻوليءَ مان ڦٽي نڪتيون آهن: امر فياض ٻرڙو

## انسان هاڻ مشيني ڏاهپ ڏانهن واجهائي ٿو: ڊاڪٽر شير مهراڻي

### مصنوعي ڏاهپ انساني ڄاڻ گڏ ڪري ڪرشماتي موٽ ڏئي ٿي: مباحثي ۾ اظهار

30 جنوري 2026ع تي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران " هٽرادو ڏاهپ ۽ سنڌي ٻولي " سلسلي جي ٻئين پروگرام ۾ نامياري ٻوليءَ انجنيئر ۽ سنڌي ڪمپيوٽنگ ماهر امر فياض ٻرڙي سان ڳالهه ٻولهه نشر ڪئي وئي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو تہ مصنوعي ڏاهپ جو بنياد ورڊ نيٽ سرشتي تي آڌاريل آهي، فردن، ادارن ۽ ميڊيائي ذريعن سان وڏ ڪان وڏ سنڌي ٻوليءَ، تهذيب، ثقافت ۽ تاريخ جي ڄاڻ ٽيڪنالاجيءَ ۾ داخل ڪرڻ سان ئي مصنوعي ڏاهپ مستند معلومات ڦهلائيندي. مباحثي جي ميزبان اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر شير مهراڻيءَ چيو تہ رگويد ۾ 51 هنڌن تي سنڌو نديءَ جو ذڪر آهي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ سنڌو تهذيب ۽ ٻولي نهايت آڳاٽي آهي. ان تي امر فياض ٻڌايو تہ اڪثر ماهرن ۽ محققن Proto_Indian يعني 'اوائلي سنڌو ٻوليءَ' کي ٻين هڙني ٻولين جي ماءُ قرار ڏنو آهي، اسان کي پنهنجي تهذيب، ٻوليءَ ۽ ثقافت جي جي بنياد کي سمجهڻو پوندو. تڏهن ئي مشيني دؤر ۾ سنڌ جي منفرد سڃاڻپ کي متعارف ڪرائي سگهنداسين. هن ٻڌايو تہ مشيني ڏاهپ احساسن کان آجي ۽ انساني حڪم جي طابع آهي. هاڻي ويبسائيٽن جو زمانو ويو. ويب پورٽل کان بہ اڳتي وڃون پيا ۽ سرچ انجڻ وارو نظام هاڻ AEO کان بہ اڳتي وڌي GEO يعني جنريٽنگ انجڻ آپٽيمائيزيشن ۾ داخل ٿي چڪو آهي، جنهن تحت مائڪرو سيڪنڊ کان بہ گهٽ وقت ۾ يعني هٿوهٿ نتيجا ملڻ شروع ٿيا آهن. امر فياض 'پٽائي پيڊيا' جي حوالي سان ٻڌايو تہ ان ويب پورٽل تي دنيا مان روزانو 70 کان 80 هزار ماڻهو معلومات وٺڻ لاءِ واجهائين ٿا، جن مان 15 هزار ڪن تہ اي. آءِ ايجنٽ آهن! ان لحاظ کان ثابت ٿئي ٿو تہ ڀٽائي صاحب بابت مستند معلومات يا ڪنهن بہ موضوع تي اعتماد جوڳي ڄاڻ کي مشين بہ ترجيح ڏئي ٿي. لطيفيات هجي، سنڌي ٻولي يا تهذيبي ورثي جي ڄاڻ، ان کي نئين رخ سان مشين ۾ داخل ڪرڻ لاءِ اسان کي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. ان مباحثي جي ريڪارڊنگ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي سوشل ميڊيا پيجن تي پڻ نشر ڪئي وئي آهي.



# انٽرويو: سنڌي ٻوليءَ جا وينجهار

## علمي ادارن کي سندن مقصدن ۽ دستور موجب هلائڻ لازمي آهي، سنڌو لکت جي ياچ لاءِ محققن کي همٿائڻ گهرجي: ڊاڪٽر نواز علي شوق

9 فيبروري 2026ع: "سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ جي آن لائن پروگرام ۾ خيالن جو اظهار ڪندي سنڌي ٻوليءَ جي نامور عالم ڊاڪٽر نواز علي شوق چيو آهي ته "ادارا ناهڻ سولا آهن پر انهن کي سندن مقصدن ۽ دستور موجب هلائڻ ئي اصل ڪاميابي آهي." هن ٻڌايو ته "1994 ۾ ٻولي اٿارٽيءَ جي سربراهه طور سندس ترجيح هئي ته سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال ٿئي ۽ ٻوليءَ جي مختلف پهلوئن تي نئين تحقيق ٿئي. سنڌو لکت جي ياچ تي ڪم ڪرڻ لاءِ مون خاص طور عطا محمد ڀنڀري کي اتساهيو جنهن ڪافي ڪتاب سنڌيءَ ۾ تيار ڪيا، ڪي ترجمو پڻ ڪيا." هن وڌيڪ چيو ته سنڌي ٻولي ۽ سنڌو درياهه اسان جي بنيادي سڃاڻپ آهي. ان دؤر ۾ مون سنڌو درياهه تي دنيا ۾ ڇپيل ڪتابن جا ترجما به ڪرايا. سنڌ بابت انسائيڪلوپيڊيا لاءِ ابتدائي طور ڪم شروع ڪري ضلعي وار اديبن عالمن جي ٽيم مقرر ڪئي، سنڌي خبرنامي کي جرنل جو درجو ڏيئي سنڌو لکت، ٻوليءَ ۽ لسانيات جو مواد شايع ڪري، ليکڪن کي معاوضو ڏيڻ جي روايت وڌي. هڪ سوال جي جواب ۾ ڊاڪٽر شوق ٻڌايو ته "سڀ کان پهرين سنڌي سکيا جا ڪلاس ڪراچي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر محمود حسين جي سهڪار سان شروع ڪيا ويا، جيڪو هڪ روشن خيال اسڪالر هو. هن 1972 ڌاري مون کي ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي سيکارڻ لاءِ اتساهيو ڊپلوما ۽ سرٽيفڪيٽ ڪورس ڪندڙ ملازمن لاءِ انڪريمينٽ جو اعلان به هن ڪيو ۽ پير حسام الدين راشدي صاحب جي صلاح تي ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شعبو پڻ قائم ڪيو."



چيئرمئن ڊاڪٽر شير مهراڻي پاران پڇيل سوال جي جواب ۾ شوق صاحب وڌيڪ ٻڌايو ته جيتوڻيڪ آئون ڪمپيوٽر جي شعبي جو ماڻهو نه آهيان، پر وقت جي تقاضا موجب سنڌي ٻوليءَ کي هاڻي ٽيڪنالاجيءَ ذريعي ئي زنده رکي سگهجي ٿو. نوجوانن کي سنڌ آرڪائيوز جي لائبريريءَ مان سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق ڪرڻ گهرجي." ڳالهه ٻولهه دوران ڊاڪٽر نواز علي شوق درسي ڪتابن ۽ اخباري ٻوليءَ جي سڌارن بابت پڻ پنهنجي ڪوشش جو ذڪر ڪيو. هن انٽرويو دوران ڊاڪٽر محمد علي مانجهي پڻ شريڪ هو هن اهم ڳالهه ٻولهه جي ريڪارڊنگ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي سماجي رابطن واري پيجن تي جاري ڪئي ويئي آهي.

***

# "اداري جي اشاعتي ڪميٽي جي گڏجاڻي"

10 فيبروري 2026ع تي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي اشاعتي ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي چيئرمئن ڊاڪٽر شير مهراڻيءَ جي صدارت ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ سان لاڳاپيل مختلف ڪتاب ڇپائڻ جي منظوري ڏئي وئي. گڏجاڻيءَ ۾ انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جو ٻيهرين جلد واڌارن سڌارن سان ڇپائڻ، شاگردن لاءِ معياري لغت ۽ شاهه جو رسالو ڇپائڻ سان گڏوگڏ ٻوليءَ جي مختلف موضوعن تي نوان ڪتاب ڇپائڻ جي منظوري ڏني وئي. گڏجاڻيءَ ۾ ڊاڪٽر محمد علي مانجهي ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو عزيز ڪنگراڻي، ڊاڪٽر فياض لطيف، علي دوست عاجز ۽ پبليڪيشن انچارج شوڪت چاچڙ شريڪ هئا.



# ڪراچي ۾ سنڌي سکيا جو مرڪز ٻوليءَ جي سکيا ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، سنڌ جي ٻين ضلعن ۾ پڻ سنڌي سکيا مرڪز قائم ڪريون پيا: ڊاڪٽر شير مهراڻي



سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر شير مهراڻي 19 فيبروري 2026ع تي ڪراچي ۾ قائم سنڌي سکيا مرڪز جو دورو ڪري تدريسي عمل جو جائزو ورتو. ان موقعي تي سنڌي سکيا مرڪز ڪراچيءَ ۾ پڙهندڙ شاگردن سان ڳالهائيندي هن چيو تہ ”مادري ٻوليءَ سان گڏ ٻي ڪا بہ ٻولي سکڻ فرد جي ذهني پهچ ۽ ڏاهپ وڌائي ٿي ۽ اهو فرد ٻي ٻوليءَ جو علم پاڻ ڏانهن منتقل ڪري ٿو. هن چيو تہ سنڌي سکيا جي هن مرڪز ۾ سنڌي سکڻ جي خواهشمندن جي دلچسپي ۽ پڙهائيندڙ استاد جي محنت جو نتيجو آهي جو سکيا وٺندڙ ٽن مهينن جي مختصر وقت ۾ بهتر سنڌي ڳالهائي رهيا آهن. هن وڌيڪ چيو تہ ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ سنڌي سکيا مرڪز هلي رهيا آهن ۽ اسان ڪوشش ڪري سنڌ جي هر ضلعي ۾ اهڙا مرڪز قائم ڪنداسين. ان موقعي تي سکيا مرڪز جي جي استاد پروفيسر مرتضي ناز چيئرمئن ڊاڪٽر شير مهراڻي کي پليڪار چيو ۽ ڪيس اجرڪ اوڍائي گلن جو تحفو پيش ڪيو. جڏهن تہ اداري جي چيئرمئن سنڌي سکيا مرڪز ڪراچيءَ ۾ سنڌي سکندڙ شاگردياڻي ڪِرن کي اجرڪ اوڍايو ۽ هڪ وڏي عمر جي شاگرد کي گل پيش ڪيا. ان موقعي تي ڊاڪٽر شير مهراڻي سنڌي سکيا مرڪز ۾ سنڌي سکندڙن سان ڳالهہ ٻولهہ پڻ ڪئي. هن سنڌي ٻوليءَ جي سکيا تي اطمينان جو اظهار ڪيو.



***




**اداري پاران پنهنجي محنتي ڪارڪنن کي ماهوار بهتر ڪارڪردگيءَ تي همت افزائي ڪندي شاباسيءَ جا سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا**

# سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ پاران ’شاهه لطيف عالمي ڪانفرنس‘ ڪرائڻ جو اعلان



10 مارچ 2026ع تي سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد مريءَ پاران ڊاڪٽر شير مهراڻيءَ سان ملاقات دوران گڏيل سهڪار سان شاهه لطيف جا مختلف فڪري رخ عالمي سطح تي اجاگر ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو. ان موقعي تي جاري ڪيل بيان موجب ايندڙ ڪجه هفتن ۾ عالمي ڪانفرنس جي تاريخن جو اعلان ڪيو ويندو. پڌرائي موجب ڪانفرنس جا مک موضوع شاهه جي ٻولي، شاهه جا فڪري پهلو شاهه ۽ وٿ ماحوليات ۽ زراعت جو تصور، پٽائيءَ جي ڪلام ۾ فطري سونهن ۽ جماليات، شاهه لطيف ايڪي، امن ۽ رواداريءَ جو امين شاعر، پٽائي انساني حقن جو علمبردار شاعر، پٽائيءَ وٽ عورت جي عظمت ۽ ٻيا موضوع شامل هوندا.

# اداري جي عملدارن سان گڏجاڻي



11 مارچ 2026 تي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر شير مهراڻي جي صدارت هيٺ اداري جي شعبن جي سربراهن جي گڏجاڻي ٿي گذري.سيڪريٽري ڊاڪٽر راز شاهاڻي گڏجاڻيءَ ۾ سنڌ حڪومت پاران موجوده صورتحال جي پيش نظر جاري ڪيل نئين دفتري پاليسين بابت آگاهي ڏني. گڏجاڻي ۾ سمورن شعبن جي سربراهن پنهنجي شعبن جي هلندڙ ڪمن ۽ رٿائن بابت بريفنگ ڏني. چيئرمئن شعبن جي ڪارڪردگيءَ تي مجموعي طور اطمينان جو اظهار ڪندي مختلف هدايتون ڏنيون. گڏجاڻي ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ سنڌ سرڪار پاران جاري ڪيل نئين حڪم موجب 15 مارچ کان 15 مئي تائين 50 سيڪڙو تيل گهٽ استعمال ڪيو ويندو ۽ اداري جي پنجن گاڏين مان ٽن گاڏين کي بيهاري انهن جي ميٽر ريڊنگ نوٽ ڪري سيڪريٽري ثقافت کي موڪلي ويندي، آپريشنل بجيٽ مان 20 سيڪڙو گهٽ بجيٽ استعمال ڪئي ويندي، آءِ ٽي شعبي جي ضروري گهربل شين کان سواءِ ٻي خريداري نہ ڪئي ويندي، ڪنهن بہ سرڪاري افطار پارٽي ۾ شرڪت نہ ڪئي ويندي جڏهن تہ طئي ڪيل پاليسي موجب 50 سيڪڙو عملو گهر آن لائن ڪم ڪندو ۽ شعبن جا سربراهہ هفتي جا چار ئي ڏينهن حاضر رهندا. گڏجاڻيءَ ۾ ڊاڪٽر محمد علي مانجهي (پراجيڪٽ ڊائريڪٽر انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا)، هارون عنايت هارون عباسي (اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ايڊمن) انيس ڪاڪا (اسسٽنٽ ڊائريڪٽر آءِ ٽي) قاضي ڪاشف (آڊيو ويوئل آفيسر) زاهد اوٿو (اسسٽنٽ ڊائريڪٽر پروگرام ۽ اڪائونٽس ) عامر پٽي (لائبريرين) سليم جروار (پبلڪ رليشنز آفيسر ) شوڪت چاچڙ ( ايڊيٽر ريسرچ جنرل ۽ انچارج پبليڪشن) سيد بخشل شاهه (مينيجر قليچ ڪتاب گهر) شرڪت ڪئي.





# ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ورسيءَ تي ڪيس پيٽا



6 اپريل 2026ع تي سنڌي ٻوليءَ جي جڳ مشهور عالم، محقق ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي باني چيئرمئن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي 15هين ورسيءَ جي ڏهاڙي تي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران اڄ سندس مزار تي گلن جي چادر چاڙهي وئي. ان موقعي تي اين اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج طرفان ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڪي پيٽا ڏيڻ لاءِ مختصر ميڙاڪو پڻ ڪوٺايو ويو جنهن ۾ اداري پاران شوڪت چاچڙ شرڪت ڪري ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي شخصيت ۽ سندس علمي ڪم تي روشني وڌي. ان ميڙاڪي ۾ تاج جويو ڊاڪٽر شازيہ پتافي، ميان شفيق احمد مهيسر، ڊاڪٽر مجيد چانڊيو ادريس جتوئي، ڊاڪٽر نوقب ڪاڪا، فهيم نوناري، گلشير ڪوريجو علي احمد بلوچ، ارڏو اترادي، ارشد بلوچ ۽ ٻيا شريڪ هئا جن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي پيٽا پيش ڪئي ۽ ڪيس سنڌي ٻوليءَ جو محسن قرار ڏنو.

# ”علامہ آءِ آءِ قاضي ۽ نياز همايونيءَ جي ياد ۾ مذاڪرو“

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 11 اپريل 2026ع تي سنڌ جي مشهور شاعر نياز همايوني جي 96 هين سالگرهہ ۽ سنڌ جي جڳ مشهور عالم علامہ آءِ آءِ قاضي جي 58 هين ورسي جي مناسب سان آن لائين مذاڪرو ڪرايو ويو. جنهن ۾ نياز همايوني بابت ڳالهائيندي سنڌ جي ناميارِي اديب تاج جويي چيو تہ ”نياز همايوني برصغير جي ورهاڱي کان اڳ شاعري شروع ڪئي ۽ هو آزادي جي شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو هُن شاعري ۾ نيون شيون ۽ نوان موضوع ڏنا جڏهن تہ طويل نظم لکڻ ۾ سندس وڏو حصو آهي. هن چيو تہ نياز همايوني گهڻ رُخي شخصيت جو مالڪ هو هُن حيدرآباد جي طبي ڪاليج ۾ پڙهايو ۽ شڪارپور ۾ حڪمت پڻ ڪئي. طب تي ٽي ڪتاب پڻ لکيا. هن وڌيڪ چيو تہ نياز مختلف ٻولين ڄاڻيندو هو هن شاعري ڪانسواءِ ترجمي تي پڻ ڪم ڪيو سائين جي ايم سيد جي ڪتاب جو فارسي ۾ ترجمو ڪيو جڏهن تہ امام خميني جي شاعري جو ’راهِ عشق‘ جي نالي سان سنڌي ۾ ترجمو بہ ڪيو. هو شيخ اياز جيان سنڌ جو قومي شاعر آهي. سنڌ جي جڳ مشهور عالم علامہ آءِ آءِ قاضي بابت ڳالهائيندي ناميارِي اديب ۽ صحافي نياز پنهور چيو تہ ”اسان خوشنصيب آهيون جو علامہ آءِ آءِ قاضي جهڙي شخصيت سنڌ جي مٽي مان جنم ورتو جنهن پنهنجي تعليم جو سلسلو حيدرآباد کان شروع ڪيو پوءِ علي ڳڙهہ ۽ لنڊن مان علم حاصل ڪيو هُو علم جو پياسو هو جنهن پاڻ کي خاص علم تائين محدود نہ رکيو پر ڪيس هر علم جو تجسس هو اهو ئي سبب هو جو ڪيس ڪيمسٽري، فزڪس، فلسفي ۽ قانون جي علم تي پڻ عبور هو. علامہ صاحب علم جي اها اُڃ سنڌ کڻي آيو ۽ پوءِ سنڌ يونيورسٽي قائم ڪرڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو جتي هن سائنس جي شعبن تي خاص ڌيان ڏنو. هن چيو تہ علامہ آءِ آءِ قاضي علم، ادب ۽ شاعري تي بہ ڪم ڪيو شاهہ لطيف جي شاعري کي ترتيب ڏنو ۽ پنهنجي وني ايلسا قاضي سان گڏ شاهہ جي رسالي تي ڪم ڪيو هن جيترو ڪم ڪيو ۽ جهڙي سندس خدمت آهي ان حساب سان اسان ڪيس صرف وفات ۽ جنم ڏينهن تي ياد ڪريون؛ اها ساٽس ناانصافي آهي. آن لائين مذاڪري جي ميزباني ڪندي اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر شير مهراڻي چيو تہ سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري هميشہ پنهنجن محسنن کي پيٽا ڏني آهي. هن چيو تہ ”علامہ آءِ آءِ قاضي وٽ سنڌ ۾ آڪسفورڊ ۽ هارورڊ يونيورسٽي جو تصور هو. هُن چاهيو ٿي تہ سنڌ يونيورسٽي بہ ان معيار جي يونيورسٽي هجي. يونيورسٽي کي جڏهن ڪراچي مان ڄامشوري منتقل ڪيو ويو تہ هر ڪم جي نگراني پاڻ ڪئي. نياز همايوني بابت ڳالهائيندي ڊاڪٽر شير مهراڻي چيو تہ هو سنڌ جو نمائنده شاعر آهي؛ سندس شاعري ۾ ان دؤر جون سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ٻئي شخصيتون سنڌ جي تاريخ ۾ انتهائي اهم حيثيت رکن ٿيون.



# سنڌي پڙهائيندڙ استادن لاءِ معياري تربيتي مينيوئل تي ايپياسي ورڪشاپ



اداري پاران سنڌي پڙهائيندڙ استادن لاءِ معياري تربيتي مينيوئل تي ايپياسي ورڪشاپ 15 سيپٽمبر تي اداري جي ڊاڪٽر بلوچ هال ۾ ٿي گذريو. هن ورڪشاپ ۾ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ايم. ڊي گهنوَر خان لغاري، تعليمي ماهر شهپارا رضوي، ڊاڪٽر راز شاهاڻي، ادريس جتوئي، ڊاڪٽر وحيد ڪلوڙ، ڊاڪٽر الطاف جوکيو، ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، نثار ٻانيڻ، ڊاڪٽر عبدالستار گوپانگ، ڊاڪٽر زبير چاچڙ، ناهيد ميمڻ، زهرا چنا، مسرت پليجو، ذڪيه مختيار، سجاد گهلو مرتضيٰ ناز، ستار سروهي، غضنفر اقبال ۽ شوڪت چاچڙ شريڪ ٿيا. ڊاڪٽر وحيد ڪلوڙ پاران تيار ڪيل مينيوئل تي ورڪشاپ دوران مختلف گروپ جوڙي ماهرن کان واڌارا سڌارا ڪرايا ويا.

# آن لائن مباحثو ’سنڌي ٻولي ۽ ماحوليات‘




سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ’سنڌي ٻولي، خطرا، موقعا ۽ تجويزون‘ جي سري هيٺ ’سنڌي ٻولي ۽ ماحوليات‘ جي عنوان تي آن لائن مباحثو 5 سيپٽمبر 2025ع تي ٿيو. هن مباحثي دوران ناميار ي ليکڪ ۽ زرعي ماهر مصطفيٰ نانگراج چيو ته ' ماحولياتي اثرن جي ڪري، زراعت ختم ٿي ڳوٺن جا ڳوٺ ۽ تعلقا متاثر ٿيا، ماڻهن لڏپلاڻ ڪئي ۽ نوجوان شهرن طرف ويا. جن پنهنجي ٻولي ڇڏي ڏني، ٻولي نه ئي سهي پر اهي مقامي لهجا، پهاڪا ۽ چوڻيون ختم ٿي ويون ۽ اهڙا دنيا ۾ تي وڏا مثال موجود آهن، جتي ماحولياتي اثرن سبب لڏپلاڻ ٿي، ۽ اتان جي ٻولين کي نقصان پهتو. هن چيو ته ماجد پر ڳڙي ٻوليءَ لاءِ بنيادي ڪم نه ڪري ها ته اڄ شايد اسان ڊجيٽل دنيا ۾ نه هجون ها. ايئن سنڌ جي زرعي سماج کي جيستائين ڊجيٽل دنيا سان نه ڳنڍيندا سين، تيستائين زراعت سان لاڳاپيل ماڻهو شين کي سمجهي نه سگهندو.

ناميار ي شاعر علي آڪاش چيو ته تخليقڪار ۽ فطرت جو پاڻ ۾ گهڻو تعلق آهي، جيڪو به تخليقڪار آهي، ان فطرت جي نمائندگي ڪئي آهي. هن وقت ماحولياتي بگاڙ آيو آهي، ان جي سڀ کان وڌيڪ تڪليف به تخليقڪار کي پهتي آهي، ڇو ته ان جي خوابن ۽ خيالن جو دارومدار ئي فطرت تي آهي ۽ اڄ تخليقڪار ان جي ردعمل ۾ ان کي پنهنجي تخليق جو حصو بڻايو آهي. هن چيو ته ماڻهو ۽ ٻوليءَ جو اهو مسئلو آهي ته اهي ماحول ۾ موجود آهن، جن جو پاڻ ۾ تعلق آهي، ماحولياتي تبديلين سان ٻوليءَ تي ڪهڙا اثر پون ٿا، ان لاء منڇر ڍنڍ کي ڪيس اسٽڊي طور ڏسجي. خبر پئجي ويندي ته سنڌي ٻوليءَ کي ماحوليات جي ڪري ڪيترو نقصان پهتو آهي. هن چيو ته هن وقت وڏي ۾ وڏو مسئلو ماحولياتي تبديلين جو آهي، پر اهو سرڪاري سطح تي نصاب جو حصو ناهي، جيستائين ان کي نصاب ۾ شامل نه ڪبو تيستائين اهو ٻوليءَ جو حصو نه بڻجي سگهندو ۽ ماڻهن کي به سمجهه نه ايندي.

ناليواري ليکڪ ۽ استاد منوج ڪمار چيو ته ”ماحول، انسان ۽ ٻوليءَ کي الڳ سمجهڻ پهرين فڪري غلطي آهي، هن سڄي ڪائنات ۽ ماحول لاءِ انسان هڪ جاندار جيو آهي، جيڪو ماحول ۾ رهي ٿو ۽ فطرت جو انسان سان تعلق ٻوليءَ جي ڪري ٿيندو ڇو ته ٻولي به انهي زمين ۽ پاڻيءَ مان نڪرندي آهي، اها ٻولي ئي ماڻهو کي ٻڌائيندي آهي ته هتي ڪيئن رهڻو آهي. هن وڌيڪ چيو ته ٻوليءَ ذريعي فطرت، گلن، وڻن، رنگن ۽ هوائن جي ڄاڻ ملندي آهي ان ڪري اصلوڪين ٻولين کي بچائڻ ۾ انسان جي بقا آهي، جيڪا اصلوڪين ٻولين ۾ ڄاڻ آهي، اهو دنيا جو ڪو ماڻهو نٿو ٻڌائي سگهي جيڪو اتي جو ڏنار، هاري يا ناکئو ٻڌائي سگهي ٿو، ان لاءِ ضروري آهي ته اصلي ڄاڻ گڏ ڪري ان کي سمورن ذريعن جو حصو بڻايون ۽ ان کي نصاب ۾ شامل ڪريون.

***



# ڪانفرنس
# سنڌي ٻوليءَ تي مختلف ٻولين جا اثر

**8 نومبر 2025ع**

8 نومبر 2025ع تي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ”سنڌي ٻوليءَ تي مختلف ٻولين جا اثر“ جي عنوان هيٺ ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي. ڪانفرنس جي صدارتي خطاب ۾ ڊاڪٽر عبدالغفار سومري چيو تہ ٻولين هڪ ٻئي کي لفظ ڏنا آهن ۽ انهن جو هڪ ٻئي تي اثر رهيو آهي، سنڌي ٻوليءَ جو عربي ۽ فارسي سان تعلق هڪ هزار سال کان وڌيڪ آهي، سنڌ ۾ انگريزين جي حڪومت ۾ 1853ع ۾ سنڌي جي موجوده معياري صورتخطي ٺهي، ان کان اڳ فارسي رائج هئي، ايتري قدر جو ڏکئين سنڌي لفظن جي معنيٰ بہ فارسيءَ ۾ ڏسڻي پوندي هئي. هن چيو تہ هاڻ سنڌي پنهنجي مستقل مزاج واري زبان آهي ڪنهن ٻوليءَ جي لفظن کي ڪٽي ٿي تہ اها پنهنجن شرطن تي ڪٽي ٿي. هن وڌيڪ چيو تہ انگريزن جي اقتدار کان اڳ فارسي هتي جي تدريسي زبان هئي، ايتري قدر جو عربي جي سکيا بہ فارسي ۾ ڏني ويندي هئي جنهن ڪري ٻهرين فارسي پڙهڻي پوندي هئي ان ڪري ان جو سنڌي تي گهرو اثر رهيو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجو چيو تہ ٻولي بابت مستقل معاملا آهن جن سان ٻولي اڳتي وڌي سگهي ٿي . هن چيو تہ ٻولي بابت سکيا پروگرام هيٺ نجي اسڪولن ۾ سنڌي پڙهائيندڙ استادن ۽ صحافين لاءِ سنڌي سکيا جا مرڪز کوليا آهن جتي ڀرپور ڪم ٿي رهيو آهي. هن چيو تہ قانونسازي بهترين ٿيل آهن پر خانگي اسڪولن جي گهٽ دلچسپي سبب سنڌي ٻولي نہ ٿي پڙهائي وڃي جنهن جو وڏو نقصان ٿي رهيو آهي. هن چيو تہ سنڌي ٻولي کي معياري ۽ عالمي ٻولي تڏهن ڪري سگهنداسين



جڏهن ان ۾ علمي اضافو ڪنداسين. هن وڌيڪ چيو تہ اڄ جي دور ۾ ٽيڪنالاجي ۽ آرٽ ذريعي ئي ٻوليون عروج وٺي سگهن ٿيون. سنڌي ٻوليءَ ڪڏهن بہ ڪنهن تي حملہ آور ناهي ٿي پر ان جي سگهہ محبت ۽ احترام آهي جنهن جي ڪري بچي آهي.

نالي واري ٻولي ماهر ڊاڪٽر آفتاب ابڙو سنڌي تي پالي ٻولي جي اثرن بابت ڳالهائيندي چيو تہ گهڻن عالمن کي پڪ سنڌي تي پالي جي اثر جي واقفيت نہ هوندي پالي جي لفظي معنيٰ لڪير آهي. پالي ڏنارن جي ٻولي آهي، سنڌي جو لفظ پاليندڙ ان مان نڪتل آهي. پالي جون پاڙون سنڌ ۾ کتل آهن.سنڌ ۾ راءِ گهراڻي جي حڪمراني دور ۾ سنڌ جي رياستي ۽ حڪمرانن جي ٻولي هئي.نالي واري محقق مختيار احمد ملاح چيو تہ ٻولين جا هڪ ٻئي تي اثرن جا ڪي ئي سبب ٿيندا آهن. سنڌي ٻوليءَ تي مختلف ٻولين جو اثر رهيو آهي، حڪمرانن جي ٻولي ٻين ٻولين تي حاوي رهندي آهي، ان ڪري سنڌي ٻولي تي انگريزي جو تمام وڏو آهي تعليم جا گهڻا ذريعا انگريزي ۾ آهن. پروفيسر ڊاڪٽر مبارڪ لاشاري چيو تہ انگريزي ٻولي هتي جي حڪمرانن جي ٻولي رهي آهي ان ڪري هتي جي سمورين ٻولين تي ان جا اثر آهن، سنڌي ۾ بہ ان جا ڪافي اثر موجود آهن، انگريزي جا ڪافي لفظ اسان جي ٻولي ۾ ضم ٿي ويا آهن، هن وقت انگريزي رابطي ۽ علم جي عالمي ٻولي آهي ان ڪري نفسياتي طور تي بہ انگريزي جو اثر حاوي آهي.

نالي واري محقق ڊاڪٽر عبدالڪريم آزاد سميجي چيو تہ فارسي ۽ سنڌ جا انتقامي لاڳاپا رهيا آهن.آريا سنڌ جا رهاڪو هئا پوءِ دنيا جي مختلف حصن ۾ پکڙجي ويا، وري ٻيهر سنڌ ۾ داخل ٿيا، سنڌن سفر سان گڏ فارسي ٻين تائين پهتي سنڌ انتظامي طور فارسي سان ڳنڍيل رهي آهي. ان ڪري فارسي جا ٻهاڪا، محاورا اثر انداز رهيا.

نالي واري آرڪيالجسٽ ۽ محقق عزيز ڪنگراڻي چيو تہ سنڌي ٻوليءَ نهايت قديم ٻولي آهي، سنڌي ٻولي ۾ دراوڙي ٻولي جي لِڇ رکي ٿي، ان ڪري دراوڙي ٻولي جا لفظ گهڻي تعداد ۾ موجود آهن.

## نادرا پاران موبائيل ايپ 'پاڪ آءِ ڊي' ۾ سنڌي ٻولي شامل ڪرڻ جي خاطري

### اداري پاران لکيل خط جي جواب ۾ نادرا هيڊ ڪوارٽر طرفان هاڪاري موٽ ملي آهي، اسان سندن ٿورائتا آهيون: ڊاڪٽر شير مهراڻي



GOVERNMENT OF PAKISTAN
INTERIOR DIVISION
NATIONAL DATABASE AND REGISTRATION AUTHORITY
STATE BANK OF PAKISTAN BUILDING, SHAHRAH-E-JAMHURIAT G-5/2,
(NADRA HEADQARTERS)

NADRA/HQ OPS/Sindhi Language — 6th May, 2026

SUBJECT: NON-INCLUSION OF SINDHI LANGUAGE IN "PAK IDENTITY" MOBILE APPLICATION

Ref: Sindhi Language Authority letter # SLA/567/26 dated 21-04-2026

1. NADRA appreciates the Sindhi Language Authority's outreach regarding the integration of the Sindhi language into the Pak ID Mobile Application. NADRA fully recognizes the linguistic diversity of Pakistan and respects the cultural and constitutional significance of regional languages, including Sindhi language. NADRA understands that accessibility in native languages plays an important role in enhancing user convenience and ensuring broader public facilitation.

2. In this regard, NADRA respectfully submits that enhancement of multilingual support will be implemented through phased approach. The inclusion of the Sindhi language forms part of the planned roadmap, and the same will be deployed in phases to ensure seamless integration, reliability and better user experience.

3. NADRA remains committed to promoting inclusivity and improving user experience for all citizens. NADRA values the input of the Sindhi Language Authority and assures that this matter is receiving due consideration.

Deputy Director (Ops)
Muhammad Imran Afzal
(HQ NADRA)

To: Dr. Sher Muhammad Mehrani
Chairman
Sindhi Language Authority,
Hyderabad

Info: Chairman Sectt

نادرا پاران سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن پاران موڪليل خط جي موٽ ۾ ”پاڪ آءِ ڊي“ موبائيل ايپليڪيشن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي شامل ڪرڻ جي خاطري ڪرائي وئي آهي.

ان حوالي سان سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي ڪوشش کي ساراهيندي، نادرا ٻين پاڪستاني ٻولين سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي، آئيني ۽ ثقافتي اهميت کي مڃيندي، سنڌي ٻوليءَ کي ٻه مرحليوار "پاڪ آءِ ڊي ايپ" ۾ شامل ڪرڻ جي خاطري ڪرائي آهي..

خط مطابق 'نادرا' ان ڳالهه کي سمجهي ٿي ته مادري ٻولين ۾ معلومات تائين رسائي عوامي سهولتن کي بهتر بنائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. ان سلسلي ۾ گهڻ-لساني (multilingual) سهولت جو اضافو مرحليوار ڪيو ويندو.

هڪ خط وسيلي نادرا هيڊ ڪوارٽر طرفان خاطري ڪرائي وئي آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي شموليت نادرا جي رٿابنديءَ جو حصو آهي، ۽ ان کي ضرور لاڳو ڪيو ويندو ته جيئن سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ پڻ نادرا جي آنلائن سهولتن مان لاڀ حاصل ڪري سگهن. چيئرمين اٿارٽي، نادرا اختيارين پاران ڏنل هاڪاري موٽ تي ٿورا مڃيا.

## چيئرمئن ڊاڪٽر شير مهراڻي جي علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد ۾ ڊاڪٽر غلام علي سان ملاقات



30 اپريل 2026ع تي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر شير مهراڻيءَ علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد ۾ قائم ٻولين ۽ ترجمن واري اداري جي مرڪزي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر غلام علي سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات دوران گڏيل دلچسپي جي معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون. ان موقعي تي ٻولين ۽ ترجمن واري اداري جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر غلام علي پنهنجي اداري جي ڪمن بابت آگاهي ڏيندي چيو ته ”اسان گرامورا. اي آءِ grammora.ai وسيلي اردو ٻوليءَ ۾ ڪيترائي نوان فيچر متعارف ڪرائي چڪا آهيون ۽ چاهيون ٿا ته هن خطي جون سموريون ٻوليون هٿراڌو ڏاهپ وسيلي اڳتي اچن. هٿرادو ڏاهپ واري هن دؤر ۾ ڪنهن ٻولي کي پوئتي رکڻ ان ٻولي سان دشمني جي برابر آهي. هن ٻڌايو ته پنجاب حڪومت جو سمورو ڪاروهنوار اردو ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي ۽ هو سنڌي تي گهڻو ڪم ڪري سگهن ٿا جنهن جو نمونو پڻ ڏيکاريو ويو.

ان موقعي تي سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جي چيئرمئن ڊاڪٽر شير مهراڻي چيو ته ”سنڌي ٻوليءَ ۾ جديد ٽيڪنالاجي تي شاندار ڪم ٿي رهيو آهي، سنڌي ٻوليءَ هن وقت دنيا جي ترقي ڪيل ٻولين سان ڪُلهو ڪُلهي ۾ ملائي هلڻ جي صلاحيت رکي ٿي. هن چيو ته ان سلسلي ۾ مختلف ادارن سان پڻ معاهدا ڪري چڪا آهيون. هن چيو ته اسان چاهيون ٿا ته نوجوانن کي موقعا ڏيون ته جيئن هو پنهنجون صلاحيتون ڪتب آڻي ادارن ۾ نواڻ آڻين. دوري دوران ڊاڪٽر شير مهراڻي کي لئنگويج ليبارٽري پڻ ڏيکاري وئي ۽ اتي ڪم ڪندڙ ماهرن سان پڻ ملاقات ڪرائي وئي. ڪيس ٻڌايو ويو ته لئبارٽري ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻارنهن نوجوان هر وقت ڪم ڪن ٿا، جن ۾ پنج سنڌي نوجوان شامل آهن. ان موقعي تي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر غلام علي پاران سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر شير مهراڻي کي ترجمن لاءِ تيار ڪيل انسائيڪلوپيڊيا پڻ تحفي طور ڏنو. دوري دوران علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي جي پاڪستاني ٻولين واري شعبي جو استاد ڊاڪٽر حاڪم ٻرڙو ۽ مصنوعي ذهانت تي پي ايڇ ڊي ڪندڙ نمل يونيورسٽي جو ليڪچرار اختر علي قاضي پڻ موجود هئا.

❊❊❊

# سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري ۽ عبدالماجد ڀرڳڙي انسٽيٽيوٽ وچ ۾ يادداشت نامي تي صحيحون




سنڌي ٻولي نه رڳو ڪمپيوٽر جي سرشتي ۾ داخل ٿي چڪي آهي، پر ان ۾ ٽيڪنيڪي مهارتون پڻ منتقل ٿيون آهن: امر فياض ٻرڙو

22 جنوري 2026ع تي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر شير مهراڻي ۽ عبدالماجد ڀرڳڙي انسٽيٽيوٽ آف لينگئيج انجنيئرنگ جي ڊائريڪٽر امر فياض ٻرڙي اٿارٽي جي دفتر ۾ گڏيل مفاهمتي ياداشت تي صحيون ڪيون. معاهدي موجب سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جا پنج ملازم عبدالماجد ڀرڳڙي انسٽيٽيوٽ آف لينگئيج انجنيئرنگ جي ٽيڪنيڪل هدايتن ۽ نگراني هيٺ ڪم ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيا ويندا. اداري پاران نامزد ڪيل پنجن ئي ملازمن کي گهربل ڪمن بابت عبدالماجد ڀرڳڙي انسٽيٽيوٽ فني تربيت ڏيندو. تربيت ورتل ملازم اسپيچ ٽيڪنالاجي ۽ سنڌي ورڊ نيٽ سسٽم ۾ حصو وٺي ڊيٽا جي ترتيب، تشريح ۽ لفظي توڙي آوازي داخلائن ۾ مدد ڪندا. معاهدي موجب ٻئي ادارا سنڌي ٻوليءَ جي بچاء، واڌاري ۽ جديد ٽيڪنالاجي سان لاڳاپيل ڪمن لاءِ گڏيل معلومات ۽ مهارتن جي مٽا سٽا ۾ ياڱي پائيوار ٿي ڪم ڪندا. ڊجيٽلائزشن ۽ ٽيڪنالاجي جي منصوبن ۾ عبدالماجد ڀرڳڙي انسٽيٽيوٽ مدد فراهم ڪندو جڏهن ته سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو گرامر، لغوي ۽ لساني مهارت فراهم ڪرڻ ۾ مدد ڪندو. شروعاتي طور هي معاهدو ٽن سالن تائين هوندو جنهن کي ٻنهي ادارن جي رضامندي سان اڳتي وڌائي سگهبو. معاهدي تحت اداري پاران نامزد ڪيل ملازمن جي نامزدگي تحريري طور تي ڪئي ويندي ۽ انهن ملازمن جي پگهارن جي ادائگي سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو ڪندو جڏهن ته هن ڪم واسطي ڪين ڪو به اضافي الائونس وغيره نه ڏنو ويندو. ٻنهي ادارن جي سربراهن ڊاڪٽر شير مهراڻي ۽ امر فياض ٻرڙي جو گڏيل چوڻ هو ته ٻنهي ادارن جو مقصد ئي سنڌي ٻوليءَ جي تحفظ، واڌ ويجهه ۽ ان جو نفاذ آهي، ان مقصد هيٺ ٻنهي ادارن جو هڪٻئي سان سهڪار هلندڙ آهي، ان کي عملي طور اڳتي وڌائڻ ۽ جديد ٽيڪنالاجي ۾ سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي جائز مقام تائين پهچائڻ لاءِ هي معاهدو ڪيو آهي، اميد آهي ته هن عمل سان مثبت ۽ پائيدار نتيجا نڪرندا.

# سنڌي ٻولي اٿارٽي ۽ سنڌ سلامت سٿ وچ ۾ گڏيل سهڪار جي رٿائن تي اتفاق




حيدرآباد: 27 جنوري 2026ع تي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ’سنڌ سلامت سٿ‘ سان هڪ مشاورتي گڏجاڻي اداري جي اسٽوڊيو ۾ ٿي گذري. ان موقعي تي سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ جي چيئرمئن ڊاڪٽر شير مهراڻي چيو ته هٿرادو ڏاهپ جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ کي درپيش چئلينجن ۽ مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ ادارو هر ممڪن قدم کڻندو. سنڌ سلامت سٿ جي سرواڻ سليمان وساڻ چيو ته سنڌ سلامت جي پليٽفارم تان سنڌي ٻوليءَ جي خدمت اسان جو مقصد آهي ۽ ٻولي اٿارٽيءَ سان هر ممڪن ٽيڪنيڪي سهڪار پڻ ڪنداسين. موبائيل ايپس توڙي ونڊوز تي سنڌي ٻوليءَ سان لاڳاپيل مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. ان گڏجاڻيءَ ۾ رشيد سمون اٿارٽيءَ جي انفرميٽڪس شعبي جي ڪوششن کي ساراهيندي چيو ته اداري جي ويب سائيٽ ۽ موبائيل ايپس جي واڌارن سڌارن لاءِ گڏجي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ان موقعي تي مهراڻ يونيورسٽي جي اڳوڻي پرووائيس چانسلر ۽ علي ٽيڪ ساليوشنس جي سرواڻ سيد فرمان علي شاهه اٿارٽيءَ سان گهربل ٽيڪنيڪي سهڪار جي غير مشروط آڇ پڻ ڪئي. گڏجاڻيءَ کان پوءِ سنڌ سلامت ۽ ٻولي اٿارٽيءَ جي وچ ۾ مفاهمت جي يادداشت نامي تي صحيحون پڻ ٿيون، جن موجب ”سنڌ سلامت“ پاران ٽيڪنيڪي مدد فراهم ڪئي ويندي. جڏهن ته سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو نوان پروگرام آڻڻ ۽ انٽرنيٽ تي سنڌي ٻوليءَ جي درست استعمال لاءِ ٺهندڙ ائپليڪيشنس جي مد ۾ مالي سهڪار ڪندو. گڏجاڻيءَ ۾ جن ڪمن تي گڏجي ڪم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو انهن ۾ مائڪرو سافٽ ونڊوز ۾ درست سنڌي ڪيبورڊ لي آئوٽ شامل ڪرائڻ، ٻولي اٿارٽيءَ جي اڳ موجود گوگل ۽ فائرفاڪس ايڊآن جي ايڊيٽ، اٿارٽيءَ جي لغتن ۽ انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جي ڊيٽابيس تي مشتمل چيٽ بوٽ جي ڊويلپمينٽ، انسائڪلوپيڊيا سنڌيانا جي ويبسائيٽ تي وسرڱ اکرن جي درستگي ڪرڻ، ڪمپوزنگ دوران غلطين جي خودڪار نشاندهي ۽ درستگيءَ لاءِ هلندڙ ڪم کي اڳتي وڌائڻ، ائنڊرائيڊ ڪيبورڊ ۾ موجود خامين جي سُڌارن لاءِ ڪم ڪرڻ، درست يونيڪوڊ بيسڊ سنڌيلا 2.0 فانٽ تيار ڪرڻ، سنڌي لغتن جي ائنڊرائيڊ ايپ کي اپڊيٽ ڪرڻ، چونڊ لغتن ۾ لفظن جا اُچار/آواز شامل ڪرڻ، سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي فوٽر ايريا ۾ اٿارٽيءَ جو لوگو ۽ ڳنڍڻي/لنڪ شامل ڪرڻ، اٿارٽيءَ جي ويبسائيٽ تي سنڌ سلامت جو لوگو ۽ لنڪ رکڻ، سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ موجود ٻولين تي مشتمل ڪتابن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار جا حوالا شامل ڪرڻ ۽ اداري کي به انهن تائين سنئين سڌي پهچ هجڻ، سنڌ سلامت پاران ٻولي اٿارٽيءَ جي ويب ايڪسٽينشن ٻيهر فعال ڪرڻ شامل آهن. اهڙي اڳيرائي کانپوءِ سنڌ سلامت جي ويب تان لفظن تي ڪلڪ ڪرڻ سان اٿارٽيءَ جي لغتن مان لفظن جي معنيٰ اچي ويندي. معاهدي هيٺ ايس ايس رِيڊ ايڪسٽينشن کي ٻا اپڊيٽ ڪيو ويندو ته جيئن ڪنهن نئين انسٽاليشن کانپوءِ خودڪار سنڌي فانٽ نظر اچي سگهن.